


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ننڍڙو شهزادو

(Le Petit Prince)

(فرينچ ٻوليءَ مان ڪيل سنڌي ترجمو)

آنتوان دُ سينتيگزيپيگي

شفقت قادري

روشني پبليڪيشن

ڪنڊيارو

2016ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا



ليکڪ

هي ڪتاب هڪ وڏي (بالغ شخص) جي نالي ڪرڻ تي مان ٻارڙن کان معافي ٿو وٺان. ان لاءِ مون وٽ هڪ سنجيده بهانو آهي: هو وڏو سچي دنيا ۾ منهنجو سڀ کان بهترين دوست آهي. مون وٽ هڪ ٻيو بهانو بہ آهي: هو وڏو سڀ ڪجهہ سمجهي سگهي ٿو، ٻارڙن جا ڪتاب بہ! مون وٽ هڪ ٽيون بهانو بہ آهي: هو وڏو فرانس ۾ رهي ٿو، هو بکيو آهي ۽ هُن کي سيءُ بہ ستائي ٿو. هُن کي آٿت جي ضرورت آهي. جيڪڏهن اهي بهانا کٽل لڳن تہ پوءِ مان هيءُ ڪتاب ان ٻار جي نالي ڪريان ٿو جيڪو هو وڏو ڪجهہ وقت اڳ ۾ هو. سيئي وڏا شروع شروع ۾ ٻار ئي تہ هئا (پر ڪي ٿورڙا وڏا اها ڳالهہ ياد رکندا آهن!). سو مان پنهنجي ارپنا جي ڇڪ کي سڌاريان ٿو.

ليون ورٿ جي نانءِ! جڏهن هو هڪ ننڍڙو ڇوڪرو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پتڪڙيءَ وينگس

۽

ويتر پتڪڙيءَ سانتا

جي نالي.

_ شفقت قادري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


❖ پن ڪان وڌيڪ اڪر    شفقت قادري 7

❖ باب پهريون ---------- 11

❖ باب ٻيون ---------- 13

❖ باب ٽيون ---------- 17

❖ باب چوٿون ---------- 20

❖ باب پنجون ---------- 24

❖ باب ڇهون ---------- 29

❖ باب ستون ---------- 31

❖ باب اٺون ---------- 35

❖ باب نائون ---------- 39

❖ باب ڏهون ---------- 42

❖ باب يارهون ---------- 48

❖ باب ٻارهون ---------- 50

❖ باب تيرهون ---------- 52

❖ باب چوڏهون ---------- 56

❖ باب پندرهون ---------- 59



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❖ باب سورهون ---------------------------- 63
❖ باب سترهون ---------------------------- 64
❖ باب ارڙهون ---------------------------- 67
❖ باب اوڻيهون ---------------------------- 68
❖ باب ويهون ---------------------------- 70
❖ باب ايڪيهون ---------------------------- 72
❖ باب ٻاويهون ---------------------------- 78
❖ باب ٽيويهون ---------------------------- 80
❖ باب چوويهون ---------------------------- 81
❖ باب پنجويهون ---------------------------- 84
❖ باب ڇهويهون ---------------------------- 88
❖ باب ستاويهون ---------------------------- 95


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻن ڪان وڏيڪ اکر

توهان جي هٿڙن ۾ جيڪو ڪتاب آهي، اهو ڪتاب دنيا جي 256 ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي. ان ڪتاب جي مشهوريءَ جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو تہ فرانس جي مشهور اخبار ”لَموند“ پاران ڪرايل هڪ سروي مطابق ويهين صديءَ ۾ فرينچ ٻوليءَ ۾ ڇپجندڙ سڀ ڪان وڏيڪ مشهور ۽ اثرانداز هڪ سو ڪتابن ۾ ان ڪتاب کي چوٿون نمبر مليو. مٿيان نمبر جڳ مشهور فرينچ ليکڪن البرٽ ڪاميو مارسيل پرو جهڙن عظيم دانشورن جي ڪتابن کي مليا. هڪ ٻي سروي جنهن ۾ فرينچ ٻوليءَ ۾ ڇپيل هڙني ڪتابن مان سڀ ڪان بهترين پنجاهہ ڪتابن جي فهرست تيار ڪئي وئي تہ ان فهرست ۾ ان ڪتاب کي ڇهون نمبر مليو جڏهن تہ ان فهرست ۾ والٽيئر جهڙي مفڪر جي ڪتاب ”ڪانديد“ کي نائون نمبر مليو هو.

ان ڪتاب جي ايتري مشهوريءَ جو هڪ سبب هي بہ آهي تہ ان ۾ دنيا کي هڪ ٻار جي نظر سان ڏٺو ويو آهي، ان ڪتاب ۾ پدراٽي انداز ۾ ٻارن کي ڪي بہ نصيحتون، تاڪيد ناهن ڪيل، اخلاقي درس ناهن ڏنا ويا. خليل جبران چواٽي تہ اسان (وڏن) وٽ ٻارن کي سيکارڻ لاءِ سچ پچ آهي بہ تہ ڇا؟ جي ٿي سگهي تہ اسان کي تہ هوند ٻارن کان سکڻ کپي. ٻار اسان مان آيا آهن، اسان جا يا اسان لاءِ ناهن آيا. ٻار زندگيءَ جو مستقبل جو اولاد آهن.

هڪ ڳالهہ جيڪا مان محسوس ڪئي آهي تہ اسان جهڙن سماجن ۾ ٻار ٽيڻ وڏي هچا آهي. هر وڏو صرف ان لاءِ تہ هو وڏو آهي، تہ پنهنجي پاڻ کي هرو ڀرو ان لائق سمجهندو آهي تہ ٻارن کي نصيحتون ڪري. اسان وڏا ان ڪم لاءِ هردم تيار هوندا آهيون. آنتوان ڏُ سان ان روايت کي ٽوڙيو ۽ هڪ پتڪڙي جي واتان زندگيءَ جو بنيادي ۽ اهم ترين نڪتو واضع ڪيو تہ جيئڻ اهم آهي، نمبرن سان پيار ۽ مال ميڙ وڏي ٽيڻ جون نشانيون نہ آهن، اهي تہ شايد ماٺهوءَ جي ننڍڙي هجڻ جون نشانيون آهن. جيئن آنتوان ڏُ سان پنهنجي ارپنا ۾لکي ٿو تہ سڀ وڏا شروع ۾ ننڍا هئا، پر ڪن ٿورن وڏن کي اها ڳالهہ ياد هوندي آهي. هيءُ ڪتاب اسان وڏن کي اها ڳالهہ ياد ڏياري ٿو تہ اسان شروع ۾ ننڍا هئا سين، تڏهن اسان ”ٻاراٽا“ سوال ڪندا هئاسين، هاڻي اسان وڏن واريون ڳالهيون ڪندا آهيون، پر چوندا آهن تہ فلسفي ۽ سائنس جا سيئي سوال ”ٻاراٽا“ سوال آهن: جهڙوڪ، ٻن ساوا ڇو آهن؟ پاڻي آلو ڇو آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوا ڪاٽان ٿي اچي؟ مينهن ڪيئن ٿو وسي؟ سوچي ڏسو تہ انهن ”ٻاراڻن سوالن“ مان ڪيترن سوالن جا جواب اسان کي اچن ٿا؟ دنيا جا سڌريل سماج ٻارن جي سوالن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ناهن ڪندا، پر انهن سوالن جا جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. انگريزيءَ ۾ تازو ئي هڪ ڪتاب ڇپيو آهي، جنهن جو عنوان آهي ”پتڪڙن جا وڏا سوال ۽ عظيم ذهنن پاران ڏنل سادا جواب“. ان ڪتاب ۾ ٻارن جي سوالن ۽ دنيا جي مشهور سائنسدانن ۽ ٻين ماهرن پاران ڏنل جوابن کي گڏ ڪري ڇاپيو ويو آهي.

وڏي ٿيڻ جو وڏي ۾ وڏو نقصان شايد اهو آهي تہ اسان بنيادي سوال ڪرڻ بند ڪري ڇڏيندا آهيون. مونکي ياد ٿو پوي تہ پتڪڙي سانتا کي ڪنهن وڏي ٻڌايو ٿي ، ”اسان سيني کي خدا ٺاهيو آهي.“ سانتا ان وڏي کان ٺهہ پهہ هڪ ”ٻاراڻو“ سوال ڪيو تہ، ”اسان کي ڇو ٺاهيائين، پنهنجا رانديڪا نہ هئس ڇا؟“ اهڙا سوال ڪو ٻار يا ڪو سقراط ئي ڪري سگهي ٿو. ڇو تہ اسان وڏا زندگيءَ بابت هڪ طيءِ ٿيل، زنگ لڳل رويو اختيار ڪري ڇڏيندا آهيون ۽ اهڙي اٽلچڪدار رويي لاءِ ائين چئي خوش پيا ٿيندا آهيون: تہ اسان زندگيءَ جو وڏو تجربو حاصل ڪرڻ کان پوءِ زندگيءَ بابت پنهنجو اهو رويو اختيار ڪيو آهي، جڏهن تہ اسان جي ان رويي جي پاڙ ۾ اسان جي ”وڏائي“ هوندي آهي، زندگيءَ بابت وڌيڪ تجربا حاصل ڪرڻ کان نابري هوندي آهي. پوءِ اسان ٻارن کي بہ پاڻ جهڙو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. اسان چاهيندا آهيون تہ ٻار اسان جي ڦوٽوڪاپي هجن. سوبہ مائڪروا اسان دشمنن کي تہ ناهيون وساري سگهندا، پر دوستن کي ڪيترو نہ تڪڙو وساري ڇڏيندا آهيون. پتڪڙي شهزادي چواڻي تہ هڪ دوست کي وسارڻ وڏي ڏک جي ڳالهہ آهي. اها ڳالهہ بہ ٻارن کي ئي ياد هوندي آهي، اسان وڏن کي نہ! ياد ٿو پوي تہ ڪجهہ سال اڳ پتڪڙيءَ وينگس کي هڪ پتڪڙي ٻڪري وٺي ڏني هئم. جنهن کي ڪو وڏو چوري ڪري ويو. وينگس جڏهن مونکان پڇيو تہ سندس ٻڪري ڪاڏي وئي تہ مان چيو: ’اها پنهنجي ماءُ وٽ هلي وئي، ماءُ جي سڪ لڳي هئس‘. سالَ گذرڻ کان پوءِ بہ پتڪڙي وينگس جڏهن ڪنهن پتڪڙيءَ ٻڪريءَ کي ڏسندي آهي تہ چوندي آهي: ’بابا! هو ڏس منهنجي ٻڪري!‘

هي ڪتاب دوستيءَ، جدائيءَ، يادگيريءَ جي ڪٿا آهي. هي ڪتاب پڙهي متان اسان کي بہ آسمان ۾ پنهنجو وڃايل ستارو لڀي پوي، متان اسان بہ ستارن جا ٽهڪ ٻڌي سگهڻ جي لائق ٿيون ۽ ٿوريءَ دير لاءِ ئي سهي، پنهنجي ”وڏائيءَ“ کان آجا ٿي سگهون.

آنتوان ڊُ سان 1890ع ۾ ڄائو ۽ 1944ع ۾ جهاز حادثي ۾ وفات ڪري ويو. سندس ٻيا ڪتاب ”ونڊ، سينڊ، اسٽارز“، ”نائٽ فلائٽ“، ”وزڊم آف سينڊ“، ۽ سندس ”ليٽگ آ سا ميئر:

ماءُ ڏانهن خط“ پڻ مشهور آهن پر آنتوان دُ سان جي سڃاڻپ ”پتڪڙي شهزادي“ سان سلهاڙيل آهي. ڪتاب ۾ جيڪي خاڪا آهن، سي پڻ آنتون دُ سان ٺاهيا هئا. ڪتاب جو نثر ۽ خاڪا اِن ڪتاب جي سحر جا لازمي جزا آهن.

## ترجمي بابت

مشهور روسي ڪهاڻيڪار انتون چيخوف، جيڪو پيشي جي لحاظ کان هڪ ڊاڪٽر هو، چيو تہ ”ڊاڪٽري منهنجي گهرواري ۽ ادب منهنجي محبوبہ آهي“. منهنجو قصو وري ائين آهي تہ انگريزي منهنجي گهرواري ۽ فرينچ منهنجي محبوبہ آهي. پنهنجي پيشي (انگريزي) کان جيڪو فارغ وقت ملندو آهي، اهو ڪوشش ڪري پنهنجي محبوبہ (فرينچ) سان گذاريندو آهيان. منهنجي خواهش هئي تہ پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ ڪو ڪتاب سڌو فرينچ مان ترجمو ڪيان. والتيئر جو لزبن جي زلزلي تي لکيل مشهور نظم ۽ فرانس جي انقلابي شاعرن جي ڪجهہ شاعري سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ کانپوءِ ان ڪتاب جو ترجمو شروع ڪيم. ترجمو لڳ ڀڳ مڪمل ٿيڻ تي هو تہ هڪ دوست معرفت خبر پئي تہ محترم اسحاق انصاري صاحب ان ڪتاب جو سلوواڪ مان ترجمو ڪري، ڇپرائي چڪو آهي. سائين جن جو اهو ڪم مانُ لهڻي. مان جڏهن سندن ترجمي کي پڙهيو تہ مونکي اندازو ٿي ويو تہ سلوواڪ ٻوليءَ جي جنهن ترجمي مان سائين جن ترجمو ڪيو آهي، اهو اصل فرينچ تان ناهي ٿيل، پر انگريزيءَ ترجمي جو ترجمو آهي. ڳالهہ اِها آهي تہ ان ڪتاب جو انگريزي ترجمو ڪئٿرين وڊز فرينچ ڪتاب جي ڇپجڻ (1942ع) کان هڪ سال پوءِ (1943ع) ۾ ڪيو هو. ان ڪتاب جا اڪثر ترجما ڪئٿرين وڊز جي ان انگريزي ترجمي تان ڪيا ويا آهن. ڪئٿرين وڊز جي ترجمي ۾ ڪيتريون ئي چڪون ۽ اوڻايون آهن، جيڪي انهن سڀني ترجمن ۾ موجود آهن، جيڪي سندس ترجمي تان ڪيا ويا. اهڙيءَ ريت سائين اسحاق صاحب جي ترجمي ۾ پڻ انهن غلطين جو موجود هئڻ لازمي آهي (سائين جن لکيو بہ آهي تہ هنن پنهنجي ترجمي کي انگريزي ترجمي سان ڀيٽي ڏٺو هو پر اصل مسئلو تہ آهي ئي اهو انگريزي ترجمو!)

انگريزي ترجمي جي غلطين جا ڪجهہ مثال هيٺ ڏجن ٿا.

ڪتاب جي شروعات ۾ آنتوان دُ سان جي ارپنا جو ترجمو ناهي ڪيل ڇاڪاڻ جو ڪئٿرين وڊز ان ارپنا جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪجهہ اهڙي انداز ۾ ڪيو هو جنهن سان ان جو



پتڪڙي شهزادي کي پنهنجين ٻانهن ۾ کڻڻ لاءِ مان بلڪل عين وقت تي پٽ وٽ پهتس. سندس منهن (خوف ۾) برف جهڙو اڇو ٿي چڪو هو.

’هي ڪهڙو قصو آهي؟‘ تون نانگن سان گفتا پيو ڪرين!‘

جيڪو سونهري مفلر سدائين پاتل هوندو هئس، ان کي ڍلو ڪري، پاڻي پياري، لونڊڙين کي آلو ڪيو مانس. مان پتڪڙي شهزادي کان ڪو سوال ڪرڻ جي همت نه پئي ساري. هن مونکي ڳنڀير نظرن سان ڏسي، پنهنجيون ٻانهون منهنجي ڳچيءَ ۾ وجهي ڇڏيون. مونکي هن جي دل جو ڌڙڪو رائيفل سان چٽيل، مرندڙ پکيءَ جهڙو محسوس ٿيو.

مونکي چيائين: ’مان خوش آهيان ته تون پنهنجي انجڻ جي خرابي ڳولي لڌي هاڻي تون پنهنجي گهر وڃي سگهندين.‘

’توکي ڪيئن خبر پئي؟‘

اها ڳالهه ته مان هن کي ٻڌائڻ آيو هيس ته اميد جي بنهه برخلاف مان پنهنجي ڪم ۾ ڪامياب ٿي چڪو آهيان.

منهنجي سوال جو ڪوبه جواب نه ڏيندي چيائين:

پتڪڙو شهزادو: ’مان به، اڄ، گهر واپس ٿو وڃان.‘

# باب پهريون

هڪ ڀيري مان جڏهن ڇهن سالن جو هيس تہ مان هڪ ڪتاب ۾ هڪ ڏاڍو دلچسپ چِٽَ (تصوير) ڏٺي. اهو ڪتاب انساني هٿ چراند ڪان بچيل هڪ ٻيلي بابت هو ۽ ان ڪتاب جو نالو هو 'حقيقي زندگيءَ جون ڪهاڻيون'. ان چِٽَ (تصوير) ۾ هڪ وڏو نانگ (اَرڙُ بلا، ڏِمڙ) ڏيکاريل هو جيڪو هڪ وڏي ٻليءَ کي ڳهي رهيو هو. ان چِٽَ (تصوير) جو اتارو هي اٿوَ:



ان ڪتاب ۾ لکيل هو تہ 'وڏا نانگ پنهنجي شڪار کي، بنا چٻاڙڻ جي، سڄو جو سڄو ڳهي ويندا آهن. ان کان پوءِ هو چري پري ناهن سگهندا ۽ ڇهہ مهينا سُمهي شڪار کي هضم پيا ڪندا آهن.

مان جهنگ جي اهڙن واقعن تي ڏاڍو سوچيو ۽ نيٺ هڪ رنگين پينسل سان پنهنجي پهرين چِٽَ (تصوير) ٺاهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس. منهنجي چٽ نمبر 1 (پهرين تصوير) هيءَ اٿوَ:



مان پنهنجو اهو ڪارنامو وڏن کي ڏيکاريو ۽ انهن کان پڇا ڪيم تہ 'چا منهنجي چِٽَ (تصوير) ڏسي توهان کي ڀؤ ٿئي ٿو؟'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏن مونکي چيو 'هڪ ٽوپيءَ کان ڇو ڊپ ڪريون؟'

منهنجي چِٽ (تصوير) هڪ ٽوپي تہ نہ هئي! مان تہ پنهنجي چِٽ (تصوير) ۾ هڪ وڏو نانگ ڏيکاريو هو جنهن هڪ هاٿي کي ڳهي ڇڏيو هو. مونکي مجبوريءَ ۾ ان نانگ جي پيٽ جي اندر جي چِٽ (تصوير) بہ ٺاهڻي پئي تہ جيئن وڏا منهنجي چِٽ (تصوير) کي سولائيءَ سان سمجهي سگهن. ڇو تہ وڏن کي سدائين سمجهاڻيءَ جي ضرورت هوندي آهي، سو منهنجي چٽ نمبر 2 (ٻي تصوير) هيءَ اٿوَ:



وڏن مونکي صلاح ڏني تہ نانگ جي پيٽ جي اندر يا ٻاهر وارن چٽن (تصويرن) کي پاسي تي رکي، جاگرافي، تاريخ، حسابن ۽ گرامر تي ڌيان ڏيان. تنهنڪري ڇهن سالن جي عمر ۾ ئي مونکي پنهنجو چترڪار وارو عظيم مستقبل ڇڏڻو پيو. پنهنجي چٽ نمبر 1 ۽ 2 جي ناڪاميءَ ڪري مان مايوس ٿي ويو هيس. وڏا پنهنجو پاڻ، اڪيلي سر، ڪا بہ ڳالهہ سمجهي ناهن سگهندا. اسان کي هر ڳالهہ هنن کي سمجهائڻي پوندي آهي ۽ اها شيءِ اسان ننڍڙن کي صفا ٿڪائي وجهندي آهي!

سو مونکي ڪنهن ٻي شيءِ ۾ هٿ وجهڻو پيو ۽ مان هوائي جهاز اڏائڻ سکيس. مان لڳ ڀڳ سڄيءَ دنيا مٿان جهاز اُڏائي چڪو آهيان ۽ سچ پچ جاگرافي مونکي ڏاڍو ڪم آئي. مان چين کان آمريڪا تائين جا ملڪ اک ڇنڀ ۾ سڃاڻي سگهان ٿو. جي توهان رات جو پنهنجو رستو وڃائي ويهو تہ پوءِ جاگرافي توهان جي ڏاڍو ڪم ايندي.

پنهنجي زندگيءَ جي سفر ۾ ڪوڙسارن سنجيده ماڻهن سان منهنجي جاڻ سڃاڻ بہ ٿي. ڪيترن ئي وڏن جي گهر بہ ويو آهيان. انهن کي تمام ويجهو کان ڏٺو اٿم. پر وڏن بابت منهنجي جيڪا سوچ آهي اها تبديل نہ ٿي سگهي آهي. جڏهن بہ مونکي ڪو اهڙو وڏو ملندو هو جيڪو مونکي ٿورو ڏاهو لڳندو هو تہ مان تجربي خاطر هن کي پنهنجي چِٽ نمبر 1 (پهرين تصوير) ڏيکاريندو هيس. (مون پنهنجون چٽون (تصويرون) سنڀالي رکيون آهن). مان ڄاڻڻ چاهيندو هيس تہ هو وڏو ڇا سچ پچ سمجهو بہ آهي يا نہ. پر سدائين مونکي ساڳيو جواب ملندو هو 'اها تہ هڪ ٽوپي آهي'. پوءِ مان وڏن سان نانگن، ٻيلن، ستارن جون ڳالهيون ڪرڻ ئي بند ڪري ڇڏيون. مان انهن سان وڏن جي راندين، جهڙوڪ: تاش، گالف يا سياست ۽ ٽاءِ ڪوٽ تي ڳالهائيندو هيس. وڏن کي انهن ڳالهين سان خوشي ٿيندي هئي ۽ هو سمجهندا هئا تہ ڪو پاڻ جهڙو 'سمجهو' ڳڏيو اٿن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ٻيون

مان ائين اڪيلي زندگي پئي گذاري، جو سچ پچ ڪو هو ئي ڪونه. جنهن سان دل جي ڳالهه ڪجي، ۽ پوءِ ڇهه سال اڳ هڪ ڏينهن آفريڪا جي سحارا ريگستان ۾ منهنجي جهاز جي انجڻ خراب ٿي پئي. انجڻ جي ڪا شيءِ ٽٽي پئي هئي. مون وٽ نه ڪو مستري هو نه ئي جهاز ۾ ڪو مسافر، سو مونکي اڪيلي سر ئي انجڻ جي مرمت جو ڏکيو ڪم ڪرڻو هو. مون لاءِ ته اهو زندگيءَ ۽ موت جو سُوال هو. مون وٽ پيئڻ لاءِ پاڻي به ٿورڙو هو.

سو پهرينءَ رات ته مان واريءَ تي سمهي رهيس. هزار ميلن تي ڦهليل واري، نه ماڻهو نه ماڻهوءَ جي ذات! منهنجي حالت اهڙي هئي، جيئن ڪو ماڻهو ڪنهن ٻڏندڙ ساموندي جهاز مان هڪ تختي تي چڙهي بچي نڪتو هجي ۽ چوطرف پاڻي ئي پاڻي هجي. توهان منهنجي اچرج جو اندازو لڳائي سگهو ٿا، جڏهن صبح جو سوير هڪ پتڪڙي، مزيدار آواز مونکي سجاڳ ڪيو. ان آواز چيو:

’مهرباني ڪري مونکي هڪ رڍ جي چِٽَ (تصوير) ناهي ڏيو!‘

هان!

’هڪ رڍ ناهي ڏي..‘

مان ائين پيرن تي اُٿي ڪڙو ٿيس، ڄڻ ته مون تي ڪا ڪنوڻ ڪري هجي. پنهنجيون اکيون مهٽي وري چتائي ڏٺم. ڇا ڏسان ته منهنجي اڳيان هڪ پيارڙو پتڪڙو ڇوڪرو بيٺو هو، جيڪو مونکي سنجيده نظرن سان ڏسي رهيو هو. هن پتڪڙي جي چِٽَ (تصوير) مان گهڻو وقت پوءِ ناهي هئي.

پر منهنجي اها چِٽَ (تصوير) هو بهو پتڪڙي ڇوڪر جهڙي ناهي ۽ اها منهنجي غلطي به ناهي. مونکي ته ڇهن سالن جي عمر ۾ ئي وڏن مايوس ڪيو هو ۽ ان ڪري مان هڪ چترڪار نه ٿي سگهيس. وڏي نانگ جي پيٽ جي اندر ۽ ٻاهر وارن چٽن (تصويرن) ڪانسواءِ مان ڪي ٻيون چٽون (تصويرون) ناهيون به ڪونه هيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيرت جي ڪري منهنجيون اکيون ڦاٽي ويون هيون ۽ انهن ڦاٽيل اکين سان مان ان پتڪڙي کي اچرج مان پئي ڏٺو- نه وساريو ته مان ڪنهن آباديءَ (ڳوٺ يا شهر) کان هزارين ميل پري هيس. هو پتڪڙو مونکي نه ته ٿڪل پئي لڳو نه ئي اڃيو بکيو. نه وري ڊنل. ائين به نه پئي لڳو ته هو ريگستان ۾ گم ٿيل ڪو ٻار هجي. نيٺ جڏهن مان ڳالهائڻ جهڙو ٿيس ته هن کي چيم:

’پر... تون هتي ڇا ٿو ڪرين؟‘

۽ هن ڏاڍي نرميءَ سان پنهنجي ڳالهه ائين ورجائي، ڄڻ اها ڏاڍي اهم ڳالهه هجي:

’مهرباني ڪري مونکي هڪ رڍ جي چِٽ (تصوير) ٺاهي ڏيو...‘

جڏهن ڪو راز تمام حيرت ناڪ هجي ته پوءِ ماڻهوءَ کي انڪار ڪرڻ جي همت ناهي ٿيندي. اها (انڪار جي همت واري) ڳالهه مونکي بيڪار به لڳي. جو ايڏي وڏي ريگستان ۾ اڪيلو هوندي، مونکي موت جو خوف به هو. سو مان پنهنجي کيسي مان پنن جو ٿهو ۽ هڪ پين ڪڍي، پر مان پنهنجي پاڻ کي ياد ڏياريو ته مان ته رڳو جاگرافي، تاريخ، حساب ۽ گرامر پڙهيو آهي. اها ڳالهه هن کي به ٻڌايم (پر ٿوري چڙ واري انداز ۾) ته مونکي چترڪاري (پينٽنگ) نٿي اچي، جنهن تي هن مونکي ورندي ڏني:

’ڪا ڳالهه ناهي. مونکي هڪ رڍ ناهي ڏي‘.

جيئن ته مان ڪڏهن به رڍ جي چِٽ (تصوير) نه ناهي هئي، ان ڪري مان جيڪي به چٽون (تصويرون) ٺاهڻ ڄاڻيندو هيس، انهن مان هڪ ان پتڪڙي ڇوڪري کي ناهي ڏنم. پتڪڙي ڇوڪري جو جواب ٻڌي مان ته صفا حيران ٿي ويم. هن مونکي چيو:

’نه! نه! مونکي هڪ وڏي نانگ جي پيٽ ۾ هاٿيءَ واري چِٽ (تصوير) نه کپي. نانگ ڏاڍو خطرناڪ ٿيندو آهي ۽ هاٿي تمام وڏو... منهنجو گهر صفا ننڍو آهي، مونکي ته رڍ جي چِٽ (تصوير) ٿي کپي، مونکي اها ناهي ڏي‘

پوءِ مان هيءَ چِٽ (تصوير) ناهي...



پتڪڙي ان چِٽَ (تصوير) کي ڏيان سان ڏٺو ۽ پوءِ مونکي چيائين:
'نہ! هيءَ رڍ تہ اڳ ئي ڏاڍي بيمار آهي. مونکي ٻي رڍ ٺاهي ڏي.'
مان ٻي چِٽَ (تصوير) ٺاهي.



منهنجي پتڪڙي دوست مشڪندي، صبر واري انداز ۾ مونکي چيو:
'ڏيان سان ڏس! هيءَ رڍ ناهي، اهو تہ هڪ دنبو آهي. سڱ جو اٿس...'
مان پنهنجي چِٽَ (تصوير) کي درست ڪيو پر اڳين چٽن (تصويرن) وانگر پتڪڙي ان چِٽَ (تصوير) کي بہ ناپسند ڪندي چيو:



'هيءَ تہ ڪا ڪراڙي رڍ ٿي لڳي، مونکي اهڙي رڍ گهرجي، جيڪا گھڻو وقت جيئري رهي سگهي.'
مونکان وڌيڪ صبر نہ ٿيو انجڻ جي مرمت ڪرڻي هئي، سو مان تڙ تڪڙ ۾ ليڪا پائي هڪ دٻليءَ جي چِٽَ (تصوير) ٺاهي پتڪڙي دوست کي ڇيم:
'هيءَ وٺ دٻلي، تنهنجي رڍ ان دٻليءَ اندر آهي.'



مونکي ڏاڍي حيرت ٿي، جو منهنجي ان پتڪڙي نقاد جو منهن ٻهڪيو ۽ هن خوش ٿيندي مونکي چيو:

’اها صفا اُهڙي ئي آهي، جهڙي مونکي گهرجي پئي، پر ڇا توکي لڳي ٿو تہ ان دٻليءَ ۾ جيڪا رڍ آهي، ان کي تمام گهڻو گاهہ کپندو؟‘

’ڇو؟‘

’ڇو تہ جتي مان رهندو آهيان، اتي هر شيءِ تمام ننڍي آهي.‘

’ايترو ئي ڪوڙ آهي، ڇو تہ مان توکي هڪ پتڪڙي رڍ ڏني آهي‘

پتڪڙو چٽ (تصوير) ڏانهن ڏسندي خوشيءَ ۾ ڪنڌ ڌوڻڻ لڳو:

’ايتري پتڪڙي تہ ڪانهي اها! هاڻي سمهي پئي آهي.‘

پتڪڙي شهزادي سان منهنجي ڏيٺ ويٺ ان ريت ٿي.



# باب ٽيون

مونکي اها ڳالهه سمجهڻ ۾ گهڻو وقت لڳو ته، اهو پتڪڙو شهزادو ڪاٿان آيو هو. هن مونکان ته تمام گهڻا سوال پڇي ڪيا، پر منهنجا سوال ٻڌي ئي نه پيو. هن هر لفظ چڻي چڻي پڇي ڳالهايو ۽ مان هوريان هوريان سندس سموري ڳالهه ٻولهه سمجهڻ لڳس. سو هن جڏهن منهنجو جهاز ڏٺو ته مونکان سوال ڪيائين:

پتڪڙو شهزادو: 'سامهون جيڪا شيءِ آهي، اها ڇا آهي؟

'اها ڪا شيءِ ناهي، اهو جهاز آهي، هوائي جهاز منهنجو هوائي جهاز!'

پتڪڙي کي اها ڳالهه ٻڌائي، مان وڏائي محسوس پئي ڪئي ته مان جهاز اڏائيندو آهيان. پر منهنجي ڳالهه ٻڌي پتڪڙي شهزادي مونکان سوال ڪيو:

پتڪڙو شهزادو: 'ڇو! تون آسمان مان ڪري پيو آهين ڇا؟'

'هائو!'

مان کيس جواب ڏنو. منهنجي سچي وڏائي ڏوڙ ٿي وئي.

پتڪڙو شهزادو:'اڇا! ڏاڍي مزيدار ڳالهه آ.'

اهي لفظ چئي هو زور زور سان ٽهڪ ڏيڻ لڳو جنهن تي مونکي ڏاڍي چڙ لڳي. منهنجو جهاز خراب هو، مان مصيبت ۾ ڦاٿل هيس ۽ پتڪڙي شهزادي کي اها ڳالهه مزيدار ٿي لڳي. مان چاهيان پيو ته هو منهنجي پريشانيءَ کي سنجيده وٺي.

پتڪڙو شهزادو: 'مطلب ته تون به آسمان مان آيو آهين! ڪهڙي سياري تان آيو آهين؟'

پتڪڙي شهزادي جي ڳالهه ٻڌي مونکي سندس راز سمجهه ۾ اچڻ شروع ٿيو ته هو ڌرتيءَ جو نه، پر ڪنهن ٻئي سياري جو رهاڪو آهي، سو مان هن کان سوال ڪيو:

'مطلب ته تون ڪنهن ٻئي سياري تان آيو آهين؟'

پر هن مونکي ڪو به جواب نه ڏنو. رڳو ڪنڌ ڌوڻي ها ڪيائين ۽ منهنجي جهاز کي ڏسي ڇوڻ لڳو:

پتڪڙو شهزادو: ’پڪ سان تون آسمان مان ڪنهن پرانهين نہ. پر ڪنهن ويجهي سياري تان آيو آهين.‘



اها ڳالهہ ڪري هو پنهنجن خيالن ۾ گم ٿي ويو. پوءِ منهنجي ناهيل رڍ جي چِٽ (تصوير) کي پنهنجي کيسي ۾ وجهي ۽ وري خيالن ۾ گم ٿي ويو.

توهان اندازو لڳائي سگهو ٿا تہ مونکي ٻين سيارن جي مخلوق سان ڪيتري نہ دلچسپي ٿي سگهي پئي، جو مان وڏي وقت کان وٺي انهن کي سمجهڻ جي ڏاڍي ڪوشش پئي ڪئي.

تنهنڪري مان هن کان سوال ڪيو:

’تون ڪاٿان آيو آهين منهنجا پتڪڙا؟ تنهنجو گهر ڪاٿي آهي؟ منهنجي رڍ کي تون ڪيڏانهن کڻي ويندين؟‘

پر هو پنهنجن خيالن ۾ گم سم هوءِ مونکي ڪو بہ جواب ڪونہ ڏنائين.

پوءِ مونکي چيائين:

پتڪڙو شهزادو: ’اها ڳالهہ ڏاڍي چڱي ٿي، جو تون مونکي دٻلي ڏني. رات جو اها دٻلي رڍ جي گهر جو ڪم ڏيندي‘

’ها بلڪل ۽ جي تون چاهين ته مان توکي هڪ رسي ۽ ڪلو به ڏيندس ته جيئن تون ڏينهن جو رڍ کي ڪلي سان ٻڌي سگهين.‘

منهنجي اها ڳالهه ٻڌي هن ڪان ڇرڪ نڪري ويو.

پتڪڙو شهزادو: ’ٻڌانس؟ ڪيڏي نه اجائي ڳالهه آ!‘

مان ڪيس سمجهائڻ لڳس: ’جي تون ان کي نه ٻڌندين ته پوءِ الائي ڪيڏانهن هلي ويندي ۽ گم ٿي ويندي..‘

منهنجو پتڪڙو دوست وري ٽهڪن ۾ پئجي ويو:

پتڪڙو شهزادو: ’تون رڍ جو ڪيڏانهن وڃڻ پسند ڪندين!‘

’ڪيڏانهن به وڃي ٿي سگهي، سِڌُ ڪري!‘

پوءِ پتڪڙي شهزادي چيو:

’ائين ڪڏهن به نه ٿيندو، جو منهنجو گهر تمام ننڍڙو آهي.‘



# باب چوٿون

اهڙيءَ ريت، هڪ ٻي اهم ڳالهه. جنهن جي مونکي خبر پئي، سا اِها تہ پتڪڙي شهزادي جو سيارو صفا ننڍڙو هو (اسان جي) ڪنهن گهر جيترو! پر مونکي ان ڳالهه تي ڪا گهڻي حيرت نہ ٿي، جو مونکي چڱيءَ طرح خبر هئي تہ ڌرتي، جوپيٽر، مريخ، وينس ۽ اهڙا ٻيا وڏا سيارا جن کي نالا ڏنا ويا آهن، ڪانسواءِ ٻيا بہ هزارين ننڍڙا ننڍڙا تارا/سيارا موجود آهن ۽ ڪي تہ ايترا ننڍڙا آهن، جو انهن کي خلائي دوربينيءَ ڪانسواءِ ڏسڻ بہ ڏکيو آهي. جڏهن ڪو فلڪياتدان (تارن جو علم رکندڙ) اهڙي ڪنهن پتڪڙي سياري جي کوجنا ڪري ٿو تہ پوءِ هو ان سياري تي نالو رکڻ بدران ان کي هڪ نمبر ڏئي ڇڏيندو آهي، جهڙوڪ: 'تارو/ سيارو نمبر 3251'.

مونکي ڏري گهٽ پڪ هئي ۽ ان لاءِ مون وٽ ڪوڙ سارا سبب بہ هئا تہ پتڪڙو شهزادو 'تارو/سيارو نمبر ب 612' تان آيو هو. ان سياري کي اڳ ۾ ڪنهن بہ نہ ڏٺو هو تان جو سن 1909ع ۾ ترڪي ملڪ جي هڪ فلڪياتدان، خلائي خوردبينيءَ وسيلي ان کي ڳولي لڌو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ اهو سائنسدان فلڪياتدانن جي عالمي گڏجاڻيءَ ۾ ويو ته جيئن پنهنجي ان کوجنا کي دنيا جي آڏو پيش ڪري سگهي. پر ڪنهن به ماڻهوءَ هن جي ڳالهه تي اعتبار نه ڪيو جو هن سائنسدان کي ترڪيءَ ملڪ وارا ڪپڙا پاتل هئا! وڏا اهڙا ئي ٿيندا آهن!



پر پوءِ ياڳيلائي تي ءِ تارو نمبر ب 612 ڏاڍو مشهور ٿيو. (ٿيو ائين جو) ترڪيءَ ۾ هڪ نئون حڪمران آيو جنهن اعلان ڪيو ته جيڪو يورپي ڪپڙا (سوٽ ڪوٽ) نه پائيندو ان کي ڏنڊ ۾ موت جي سزا ملندي. پوءِ سن 1920ع ۾ اهو فلڪياتدان به ڏاڍا پلا ڪپڙا پائي، فلڪياتدانن جي عالمي گڏجاڻيءَ ۾ ٻيهر پنهنجي کوجنا پيش ڪرڻ ويو. ان ڀيري سڀني ماڻهن هن تي اعتبار ڪيو.



جيڪڏهن مان توهان سان هي ڳالهيون پيو ڪيان ءِ توهان کي تاري نمبر ب 612 جو نمبر به ٻڌايم ته ان جو سبب به وڏا آهن! ڇو ته وڏا انگن سان پيار ڪندا آهن! جڏهن توهان وڏن سان پنهنجي ڪنهن نئين دوست جون ڳالهيون ڪندا آهيو تڏهن وڏا اهم شين بابت

ڪو بہ سوال ناهن ڪندا. وڏا اهو ناهن پڇندا تہ ’تنهنجي نئين دوست جو آواز منڙو آهي يا نہ؟ هو ڪهڙيون رانديون پسند ڪندو آهي؟ ڇا هو پوپٽ پڪڙي گڏ ڪندو آهي؟‘ وڏا تہ ههڙا سوال ڪندا آهن تہ، ’تنهنجو نئون دوست ڪيترن سالن جو آهي؟ وزن ڪيترو اٿس؟ ڪيترا ڀائر اٿس؟ هن جو پيءُ ڪيترا پيسا ڪمائيندو آهي؟‘ ههڙا سوال ڪري هو سمجهندا آهن تہ، بس! ڄاڻ سڃاڻ ٿي وئي! جيڪڏهن توهان وڏن کي ٻڌايو تہ توهان هڪ گھر ڏٺو جيڪو گلابي سرن جو ٺهيل هو. ان گھر جون دريون ڳاڙهن گلن سان سينگاريل هيون ۽ ڇت تي سهڻا ڳيرا ويٺل هئا تہ وڏن کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ ئي نہ ايندي. پر جي توهان وڏن کي ٻڌائيندؤ تہ توهان پنجن ڪروڙن جي قيمت وارو ڪو گھر ڏٺو آهي تہ پوءِ هو سمجهي ويندا ۽ چوندا: ’ڏاڍو سهڻو هوندو!‘

جي توهان وڏن کي چوندا تہ ’پتڪڙو شهزادو سچ پچ هو ۽ ان جو ثبوت اهو آهي تہ هو خوش هو. ٺهڪ ڏئي رهيو هو ۽ هن کي هڪ رڍ جي خواهش هئي ۽ اهو ئي ان شيءِ جو ثبوت آهي تہ پتڪڙو شهزادو سچ پچ هو‘ـ تہ وڏا توهان جي ڳالهہ ٻڌي پنهنجا ڪلها لوڏيندا ۽ توهان کي ٻار سمجهندا. پر جي توهان وڏن کي ٻڌايو تہ پتڪڙو شهزادو سياري نمبر ب 612 تان آيو هو تہ پوءِ هو مطمئين ٿيندا ۽ هنن جي سوالن مان توهان جي جان ڇٽندي. وڏا اهڙا ئي ٿيندا آهن! سو وڏن تي ڪهڙي ميار! ٻارن کي وڏن سان گهڻو رحمدلاڻو سلوڪ ڪرڻ گھرجي.

اسان (ٻار)، جيڪي زندگي کي سمجهون ٿا، انگن/نمبرن تي ٺٺول ڪندا آهيون! منهنجي دل چيو پئي تہ، مان هيءَ ڪهاڻي بہ پرين جي ڪهاڻين وانگر لکان. مونکي ائين لکندي ڏاڍو مزو اچي ها تہ، ’هڪ ڀيري جي ڳالهہ آهي تہ، هڪڙو پتڪڙو شهزادو هو. جيڪو هڪ اهڙي سياري تان آيو هو. جيڪو بہ سندس وانگر پتڪڙو هو ۽ هن کي هڪ دوست جي ضرورت هئي،‘ ٻارن کي ،جيڪي زندگيءَ کي چڱيءَ ريت سمجهن ٿا، اها ڳالهہ ڏاڍي سچي بہ لڳي ها.

پر ڇاڪاڻ جو مان نہ پئي چاهيو تہ ڪو (وڏو) منهنجي ڪتاب کي مٿاڇري انداز ۾ پڙهي، تنهنڪري هي ساروٽيون ٻڌائڻ لاءِ ايتري محنت ڪئي اٿم. ڇهہ سال اڳ منهنجو اهو پتڪڙو دوست پنهنجي رڍ سميت (ڏرتيءَ تان) هليو ويو. پنهنجي دوست کي نہ وسارڻ خاطر ئي تہ مان هتي سندس (قصو) بيان پيو ڪيان. دوست کي وساري ڇڏڻ ڏاڍي ڏک جي ڳالهہ آهي. دوست سڀ ڪنهن وٽ ناهي هوندو. ۽ پوءِ (جي مونکان دوست وسري ويجي) تہ مان بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏن جهڙو ٿي ويندس، جن کي انگن ڪان وڌيڪ دلچسپي ٻي ڪنهن بہ ٻي شيءِ ۾ ناهي. ان ڪري مان رنگن جو هڪ دٻو ۽ پينسلون خريد ڪيون. هن عمر ۾ چِٽَ ٺاهڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم لڳي ٿو. مان تہ شروع واريون ٻہ چٽون (تصويرون) ٺاهڻ کانپوءِ وري ڪا چِٽَ (تصوير) ٺاهڻ جي ڪوشش بہ نہ ڪئي ۽ تڏهن مان ڇهن سالن جو هيس! ڪا چِٽَ هن وانگر ٺهي پئي تہ وري ڪا نہ. قد واري معامري ۾ تہ مان ٿوري غلطي بہ ڪئي آهي. ڪنهن (چِٽَ) ۾ هو ڏاڍو وڏو ٿو لڳي تہ وري ڪنهن ۾ صفا پتڪڙو. سندس ڪپڙن جي رنگ بابتٺ بہ منڊل آهيان. ڪاٿ يا واڌ. پانيان ٿو تہ ڪم ڪڏهن مڙئي چڱو ۽ ڪڏهن وري ڪسو ٿيو آهي. ڪن اهم پيرائتين ڳالهين بابت پاڻ کي ڪوڙو دلاسو بہ ڏنو اٿم. هو (پتڪڙو شهزادو) مونکي انهن ڳالهين تي معاف ضرور ڪندو. منهنجي دوست مونکي ڪڏهن ڪا ڳالهہ سمجهائي ئي ڪانہ! هن ليکي تہ مان بہ ڪو هن جهڙو (سمجهو) آهيان. پر نياڳائي، جو مان ننڍو ڇاٽان تہ (بند) دٻلين ۾ موجود رڍون ڪيئن ڏسجن. لڳي ٿو تہ مانُ بہ ٿورو ٿورو وڏن جهڙو ٿي ويو آهيان. مونکي وڏو ٿيڻو پئجي ويو.

# باب پنجون

پتڪڙي شهزادي جي ڳالهه ٻولهه مان هر ڏينهن مونکي سندس سياري، سندس سفر ۽ هتي اچڻ بابت ڪا نه ڪا ڄاڻ ملندي ئي رهي. سو ٽئين ڏيهاڙي مونکي بئيبيب وڻ (تمام ٿلهي ٿُڙ ۽ ننڍن پنن وارو وڻ جيڪو آفريڪا کنڊ ۾ عام جام ٿيندو آهي) جي قصي جي خبر پئي.

هن ڀيري، رڍ جي مهربانيءَ سان، جڏهن پتڪڙي شهزادي مونکان سوال ڪيو:

پتڪڙو شهزادو: 'اها سچي ڳالهه آهي نه ته رڍون ٻوٽا کائينديون آهن؟'

'ها، سچي ڳالهه آهي'.

پتڪڙو شهزادو: 'هون! مونکي اطمينان ٿيو.'

مونکي سمجهه ۾ نه آيو ته رڍون ٻوٽا کائين ٿيون، اها ڳالهه پتڪڙي شهزادي لاءِ ايتري اهم ڇو هئي. پتڪڙي شهزادي ٿوريءَ ساهيءَ کانپوءِ وري چيو:

پتڪڙو شهزادو: 'ته پوءِ رڍون بئيبيب کي به کائينديون هونديون؟'

مان پتڪڙي شهزادي کي ٻڌايو ته بئيبيب ڪو ٻوٽو نه، پر هڪ وڏو وڻ ٿيندو آهي، ڪليسائن (عيسائي عبادتگاه) جيترو وڏو! ۽ جي رڍ هاٿين جو سڄو ڌڻ به وٺي اچي، تڏهن به اهو ڌڻ بئيبيب جي ڪنهن هڪ حصي کي نٿو کائي سگهي.

هاٿين جي ڌڻ واري ڳالهه تي پتڪڙي شهزادي وڏا ٽهڪ ڏنا.

پتڪڙو شهزادو: 'هاٿين کي هڪ ٻئي جي مٿان بيهارڻو پوندو.....'

پتڪڙي شهزادي پوءِ هڪ سمجهه ڀري ڳالهه ڪئي:

پتڪڙو شهزادو: 'اهي بئيبيب جا وڻ وڏي ٿيڻ کان اڳ ۾ ته ننڍڙا هوندا نه!'

'ها صحي ڳالهه آهي، پر تون ڇو ٿو چاهين ته رڍون پتڪڙن بئيبيب کي کائين؟'

پتڪڙو شهزادو: ' ٺهيو! ٺهيو!'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



مطلب تہ اها ڪا ڳالھہ اهڙي هئي، جنهن لاءِ ڪنهن سمجهاڻيءَ جي ضرورت ئي نہ هجي!
سو مان پنهنجي سر مٿا ڪٽ ڪري ان معامري کي سمجهيو.

دنيا جي سمورن سيارن وانگر پتڪڙي شهزادي جي سياري تي بہ ڪي ٻوٽا سٺا، تہ وري ڪي ڪنا هئا. اهڙيءَ ريت سٺا ٻج بہ هئا جيڪي سٺن ٻوٽن مان ملندا هئا ۽ ڪنا ٻج بہ هئا جيڪي ڪنن ٻوٽن مان ملندا هئا. پر ٻج تمام ننڍڙا هوندا هئا ۽ نظر نہ ايندا هئا ۽ مٽيءَ جي هيٺان آرام سان ستا پيا هوندا هئا. جيڪڏهن ڪنهن ٻج جي دل جاڳي اُٿڻ تي چوندي هئي تہ پوءِ هو شروع شروع ۾ هٻڪي هٻڪي، پاڻ کي مٽي ڇڪي پوءِ هڪ معصوماڻو سلو (زمين مان) ڪڍي سج جي طرف وڌڻ شروع ڪري ڏيندو هو (اهڙي قِتل ٻج کي سَلو چئبو آهي).
جيڪڏهن اهو قِتل ٻج ڳاڙهي موري يا گلاب جي گل جو سَلو هوندو هو تہ پوءِ ان سلي کي ڪير بہ ڪجھہ نہ چوندو هو. پر جي اهو سَلو جي ڪنهن ڪني ٻوٽي جو هوندو هو تہ ان کي يڪدم پٽي ڇڏبو هو. پتڪڙي شهزادي جي سياري تي بہ ڪي ڪنا ٻج هئا ۽ اهي هئا بئيبيب جا ٻج! پتڪڙي شهزادي جو سيارو انهن سان ڀريو پيو هوءِ جي وقت سر انهن کي پٽي ڦٽو نہ ڪبو تہ پوءِ انهن مان جان ڪانہ ڇٽندي. انهن جون پاڙون پتڪڙي سياري ۾ وڏا وڏا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوراخ ڪري وجهنديون. جيئن تہ سيارو تمام ننڍڙو هو ۽ بئيبيب جا سلا تمام گھڻا هئا، ان ڪري اهي پتڪڙي سياري کي (ڪنهن ڦوڪٽي وانگر) ڦاڙي ٿي سگھيا.



پتڪڙو شهزادو: 'اهو صفائيءَ سترائيءَ جو سوال آهي. جيئن اسان صبح جو ننڊ مان سجاڳ ٿي، وهنجي سهنجي صاف سترا ٿيندا آهيون، تيئن ئي پنهنجي سياري جي صفائي سترائي بہ ڪبي آهي. بئيبيب جا سلا پٽي اڇلائڻ لازم آهي. اهي سلا جڏهن اڃا نوان هوندا آهن، تڏهن گلاب جي سلن وانگر لڳندا آهن، تنهنڪري انهن کي ڏسي ڏسي پٽڻ وارو ڪم آهي تہ ڏاڍو ڪک ڪندڙ پر ٿي سولائيءَ سان ويندو آهي.'

هڪ ڏينهن پتڪڙي شهزادي مونکي صلاح ڏني تہ مان هڪ اهڙي چِٽ (تصوير) ٺاهيان، جيڪا ڌرتيءَ جي ٻارن کي بئيبيب وڻن وارو مسئلو چٽي انداز ۾ سمجھائي سگھي.

پتڪڙو شهزادو: 'ڪنهن ڏينهن ٻار (منهنجي سياري ڏانهن) سفر ڪندا تہ پوءِ اها چِٽ (تصوير) ڏاڍو ڪم ايندن. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجو ڪم ٿوريءَ دير لاءِ ٽارڻ ۾ ڪو نقصان ناهي. پر جيڪڏهن ڳالهہ بئيبيب جي سلن کي پٽي ڦٽو ڪرڻ جي هجي تہ پوءِ ڪم ٽارڻ جو مطلب آهي تباهي! مان هڪ اهڙي سياري بابت ڄاڻان ٿو.... ان سياري تي هڪ سست ماڻهو

رهندو هو... تي ٻوٽا پٽي ڦٽو ڪرڻ ۾ دير ڪيائين....'

مان توهان ٻارڙن کي ڪي بہ نصيحتون ڪرڻ نٿو چاهيان، جو مونکي ٻارڙن کي نصيحتون ڪرڻ نٿو وڻي، پر اهو ٻڌايان ٿو تہ بئيبيب جي وڻن جي خطري کي اڃا سمجهيو ئي ناهي ويو ۽ جيڪڏهن ڪو ماٺهو وڃائجي، ڪنهن سياري تي وڃي پهچي تہ هن لاءِ (بئيبيب) ڪيترا جوکم وارا ٿي سگهن ٿا. ان ڳالهہ کي ڏسي هڪ ڀيرو مان پنهنجو ضابطو ٽوڙيان ٿو:

'پتڪڙئو! بئيبيب جي وڻن کان هوشيار رهو! پنهجن دوستن کي ان خطري کان (جيڪو وڏي وقت کان موجود هو) بچائڻ خاطر اها ڳالهہ ٿو چوان. دوستن وانگر مان بہ وڏي وقت تائين ان خطري کي نہ سمجهيو. دوستن لاءِ ئي ايتري محنت ڪري هيءَ چِٽ (تصوير) ٺاهي اٿم. ان مان جيڪو سبق مليو اٿو اهو سکڻ جوڳو اٿوَ. توهان جي دل ۾ اهو سوال اڀي ٿو سگهي تہ هن ڪتاب جون ٻيون چٽون (تصويرون) بئيبيب جي وڻن واري چِٽ (تصوير) جيترين وڏيون ڇو ناهن!؟ ان جو جواب اهو آهي تہ مان ڪوشش ڪئي تہ ٻيون بہ وڏيون چٽون (تصويرون) ٺاهيان، پر مان ڪامياب نہ ٿي سگهيس. بئيبيب واري چِٽ (تصوير) جي ترت، لازمي ضرورت ڪري مان جوش ۾ هئس.'



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ڇهون

آه! پتڪڙا شهزادا، مونکي ٿوري ٿوري ڪري ڪڙڪ پوڻ لڳي هئي تہ تنهنجي پتڪڙي زندگي اڪيلائيءَ جو شڪار هئي. سج کي سمهندو ڏسڻ ئي تنهنجي اڪيلي وندر هئي. ان نئين ڳالهہ بابت مونکي تڏهن خبر پئي، جڏهن پنهنجي ملاقات جي چوٿين ڏينهن صبح جو تون مونکي چيو:

پتڪڙو شهزادو: 'مونکي سج کي سمهندي ڏسڻ ڏاڍو وڻندو آهي، اچ تہ هلي ڏسون تہ سج ڪيئن ٿو سمهي.'

'انتظار ڪرڻو پوندو.'

پتڪڙو شهزادو: .'ڇا جو انتظار؟'

'انتظار سج کي ننڊ ورائڻ جو!'

منهنجي ڳالهہ ٻڌي تون پهريان تہ حيران ٿئين ۽ پوءِ وري پنهنجي پاڻ تي کل آئي هيئي. تون مونکي چيو هو:

پتڪڙو شهزادو: 'مونکي سدائين ائين لڳندو آهي تہ مان ڪو جڻ پنهنجي سياري تي ئي هجان.'

سيني کي خبر آهي تہ جڏهن آمريڪا ۾ منجهند هوندي آهي تہ فرانس ۾ سج کي ننڊ ورائيندي آهي. اها ڳالهہ ثابت ڪرڻ لاءِ (آمريڪا کان) جي هڪ منٽ ۾ فرانس پهچي سگهجي ها تہ هلي سج جي سمهڻ جو نظارو ڪري سگهجي ها، پر افسوس! جو فرانس (آمريڪا) کان تمام گهڻو پري آهي، پر تنهنجي پتڪڙي سياري تي توکي رڳو پنهنجي ڪرسيءَ کي ٿورو سورڻو پوندو هو ۽ جهڙيءَ مهل دل چوئي شام (سج جو سمهڻ) ڏسندين هُئين.

پتڪڙو شهزادو: ' هڪ ڏينهن تہ مان ٽيتاليهہ ڀيرا سج کي سمهندي ڏٺو هو!'

پوءِ تون مونکي ٻڌايو هو، 'خبر اٿئي! جيڪو ڏاڍو ڏکارو هوندو آهي، ان کي سج کي سمهندو ڏسڻ وڻندو آهي':

'جنهن ڏينهن تون ٽيتاليهہ ڀيرا سج کي سمهندي ڏٺو ان ڏينهن تون تمام گهڻو ڏکارو هُئين؟'

پر پتڪڙي شهزادي مونکي ڪو بہ جواب نہ ڏنو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ستون

پنجين ڏينهن،هميشہ جيان رڍ جي مهربانيءَ سان، پتڪڙي شهزادي جي زندگيءَ جو راز مون تي ظاهر ٿيو. پتڪڙي شهزادي بي صبريءَ واري انداز ۾، هِتان هُتان جي ڳالهہ ڪرڻ بنا مونکان سڌو سوال ڪيو جنهن سوال تي هن ڪيترا ئي ڏينهن چُپ چاپ پئي سوچيو:

پتڪڙو شهزادو: 'جي رڍ گاهُ کائيندي آهي تہ پوءِ گل بہ کائيندي هوندي؟

'رڍ کي جيڪا شيءِ ملندي آهي، کائيندي آهي.'

پتڪڙو شهزادو: ' جن گلن کي ڪنڊا ٿيندا آهن، انهن کي بہ؟

'ها! جن گلن کي ڪنڊا ٿيندا آهن، انهن کي بہ.'

پتڪڙو شهزادو: 'تہ پوءِ ڪنڊن جو ڪهڙو فائدو؟

مونکي ان سوال جو جواب نٿي آيو. مان پهنجي ڪم ۾ رڌل هئس، انجڻ جو هڪ نٽ سُڪَ/ سوگهو ٿي ويو هو۽ ان کي کولڻ ۾ مونکي ڏکيائي پئي ٿي. مان پريشان هيس، ڇاڪاڻ جو مونکي لڳو پئي تہ انجڻ ۾ ڪو تمام وڏو نقص آهي. مون وٽ جيڪو پاڻي هو سو بہ اڇي پورو ٿيڻ تي هو جنهن ڪري مونکي اچي خوف ورايو تہ متان حالت وڌيڪ خراب نہ ٿي وڃي.

پتڪڙو شهزادو: 'تہ پوءِ ڪنڊن جو ڪهڙو فائدو؟

پتڪڙو شهزادو هڪ ڀيرو ڪو سوال ڪري وجهي تہ پوءِ ان سوال جي پچر نہ ڇڏيندو هو. مان اڳ ئي انجڻ جي نٽ جي ڪري خارن ۾ هئس، سو مونکي جيڪو سمجهہ ۾ آيو چئي ڏنم:

'ڪنڊا! ڪنهن بہ ڪم جا ناهن، اها گلن جي نِلهي بدمعاشي آهي.'

پتڪڙو شهزادو: 'هون!'

پر ڪجهہ دير ماٺ رهندي سوچي ناراضگيءَ واري لهجي ۾ چيائين:

پتڪڙو شهزادو: 'تنهنجي ڳالهہ تي اعتبار نٿو اچي! گل تہ نازڪ ٿيندا آهن، سادڙا ٿيندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. ويچارن ڪان جيڪو پڄندو آهي، اهو ڪري پنهنجي پاڻ کي آٿت ڏيندا آهن. گل سمجهندا هوندا تہ ڪنڊن جي ڪري هو هيبتناڪ ٿا لڳن.‘

مان ڪو بہ جواب نہ ڏنو. مان دل ۾ چيو تہ جي نَٽُ اجا نہ کُليو تہ پوءِ هٿوڙيءَ سان ڌڪ هڻندو مانس... پتڪڙي شهزادي بيهر منهنجي خيالن کي ڦٿائي ڇڏيو:

پتڪڙو شهزادو: ’توکي لڳي ٿو تہ گل....‘

مان ڪروڌ ۾ اچي پتڪڙي شهزادي کي جواب ڏنو:

’نہ! بلڪل نہ! مونکي ڪجھ بہ نٿو لڳي! جيڪو دل ۾ آيو سو (توکي) چيم. مان پنهنجي اهم ڪم ۾ لڳو پيو آهيان.‘

پتڪڙي شهزادي مونکي حيرت ۾ ڏٺو:

پتڪڙو شهزادو: ’اهم ڪم!‘

هٿوڙي منهنجي هٿ ۾ هئي ۽ منهنجون آڱريون انجڻ جي گريس جي ڪري ڪاريون ٿي ويون هيون. مان انجڻ جي مٿان جهڪيل هئس. پتڪڙي شهزادي کي اهو نظارو ڪنو لڳو هوندو.

پتڪڙو شهزادو: ’تون وڏن وانگر ٿو ڳالهائين!‘

پتڪڙي شهزادي جا اهي لفظ ٻڌي مان (دل ۾) ٿورو شرمندو ٿيس. هن بيرحم ٿيندي مونکي چيو:

پتڪڙو شهزادو: ’تون هر ڳالھ کي منجهائي ٿو ڇڏين....هر شيءِ کي گڏوچڙ ٿو ڪري ڇڏين!‘

پتڪڙي شهزادي کي ڏاڍي مٺيان لڳي هئي. پنهنجن سونهري وارن کي جهٽڪو ڏيندي چوڻ لڳو:

پتڪڙو شهزادو: ’هڪڙو سيارو آهي، جتي هڪڙو ڳاڙهي رنگ جو ماڻهو رهندو آهي. هن ڪڏهن ڪو گل ناهي سنگهيو. ڪڏهن ڪو ستارو نہ ڏٺو اٿس. ڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ سان پيار نہ ڪيو اٿس. (ملڪيت جو) حساب ڪرڻ کانسواءِ هن ڪڏهن ڪو بيو ڪم ڪيو ئي ناهي ۽ هر وقت تو وانگر چوندو آهي: مان سنجيده ماڻهو آهيان! مان سنجيده ماڻهو آهيان! اها ڳالھ چوندي هن کي وڏائي محسوس ٿيندي آهي. پر هو تہ ماڻهو نہ. کنيي لڳندو آهي.‘

’ڇا لڳندو آهي؟‘

پتڪڙو شهزادو: ’کنيي.‘

پتڪڙو شهزادو ڪاوڙ ۾ تپي ٻاڙهو ٿي ويو هو.

پتڪڙو شهزادو: 'لکن سالن کان وٺي گل ڪنڊا ٺاهيندا پيا اچن. پوءِ به لکن سالن کان رڍون گلن کي کائينديون پيون اچن. ڇا اها ڳالهه سمجهڻ اهم ناهي ته پوءِ به نيٺ گل ايتري محنت ڪري ڪنڊا ڇو ٿا اپائين. جڏهن ته ڪنڊا ڪڏهن به گلن جي ڪم ناهن آيا؟ گلن ۽ رڍن جي اها ويڙهه سمجهڻ اهم ناهي؟ ڇا اها ڳالهه ان ٻاڙهي ماڻهوءَ جي حساب ڪتاب جيتري به اهم ناهي؟ ۽ جي مان هڪ اهڙي گل کي سڃاڻان جنهن جهڙو ڪو بيو گل منهنجي سياري ڪانسواءِ سڄيءَ دنيا ۾ بيو ڪاٿي به نه هجي ۽ ڪنهن ڏينهن ڪا پتڪڙي رڍ بنا سوچڻ سمجهڻ جي، ان کي کائي چٽ ڪري ڇڏي ته ڇا اها ڳالهه اهم ناهي؟'

پتڪڙو شهزادو تپي ٻاڙهو ٿيل هو. ڪجهه دير چپ رهي وري ڳالهائڻ لڳو:

پتڪڙو شهزادو: 'جڏهن ڪو (ماڻهو) اهڙي ڪنهن گل سان پيار ڪري ٿو، جنهن جهڙو ڪو بيو گل ڪروڙها سيارن/ستارن ۾ ناهي ته پوءِ سيارن/ ستارن کي ڏسڻ ئي ان ماڻهوءَ کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. هو پنهنجي پاڻ کي چوندو. 'منهنجو گل انهن ستارن ۾ آهي'. پر جي رڍ ان گل کي کائي وجي ته اهو ان ماڻهوءَ لاءِ ائين هوندو ڄڻ سيئي ستارا وسامي ويا هجن ۽ اها ڳالهه اهم ناهي!'

پتڪڙو شهزادو ان کان پوءِ ڪجهه به نه ڳالهائي سگهيو ۽ سڏڪا ڀري روئڻ لڳو. رات ٿي چڪي هئي. مان پنهنجن اوزارن کي پاسي تي ڪيو. هٿوڙي، نٽ، اڄ ۽ موت جي خوف تي مان پنهنجي پاڻ کي ڏاڍو ٺوڪيو. مون وٽ هڪ ستارو هو. هڪ سيارو هو. منهنجو سيارو. ڌرتي ۽ ڪچهريءَ لاءِ پتڪڙو شهزادو هو. مان ڪيس ٻانهن کان وٺي، پاڪر ۾ ڀريو ۽ آٿت ڏيندي چيو مانس:

'تون جنهن گل سان پيار ڪرين ٿو ان کي ڪو به خطرو ناهي. مان توکي هڪ ٻوٿاڙي ناهي ڏيندس. جيڪا تون پنهنجي رڍ کي پارائي ڇڏجان. تنهنجي گل لاءِ زره به ناهي ڏيندسانءِ... مان....'

مونکي سمجهه نه پئي آيو ته مان ڇا چوان! پنهنجي پاڻ کي ڏاڍو خراب محسوس پئي ڪيم. مونکي خبر نه پئي پوي ته ڪيس ڪيئن راضي ڪريان، ڪيئن خوش ڪريان... ڳوڙهن جي هن نگريءَ (ڌرتيءَ) ۾ اهوهڪ وڏو راز آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب اٺون

مان جلد ئي ان گل کي وڌيڪ سڃاڻڻ لڳس. پتڪڙي شهزادي جي سياري تي جيڪي گل هئا، انهن کي پتين جي رڳو هڪڙي قطار هوندي هئي. اهي گل صفا سادا هئا. تمام پتڪڙا جو هئا تہ گهٽي جاءِ بہ نہ والاريندا هئا ۽ ڪنهن کي تنگ بہ نہ ڪندا هئا. صبح سوير پوٽن تي ظاهر ٿيندا هئا ۽ شام ٿيندي ئي پاڻ کي لڪائي ڇڏيندا هئا. پر هڪ ڏينهن چا ٿيو جو هڪڙو ننڍڙو سلو ڦٽو جيڪو ٻين سلن کان صفا نرالو هو. پتڪڙي شهزادي ان سلي کي ڏيان سان ڏٺو پر سمجهہ ۾ نہ آيس تہ اهو سلو ڪاٿان آيو آهي! پتڪڙي شهزادي کي لڳو تہ متان اهو سلو بئيبيب وڻ جو ڪو مٽ مائٽ هجي. پر جلد ئي ان سلي وڌڻ بند ڪري ڇڏيو ۽ ان تي هڪ گل ڦٽي آيو. پتڪڙي شهزادي کي محسوس ٿيو تہ هيءَ ڪا نرالي شيءِ ظاهر ٿي آهي. پر گل پنهنجي ناهہ نوهہ ۾ رڌل هو. ڏاڍي ڌيان سان پتين جا رنگ چونڊي، پتيون پائي پوءِ انهن کي ترتيب ڏيڻ لڳو. اهو گل نہ پيو چاهي تہ ڏوڙيءَ جي گل وانگر هن جو پتيون بہ گهنجيل هجن. گل جي خواهش هئي تہ پنهنجي سونهن جي ڀرپور تجليءَ سان ظاهر ٿئي. گل ڏاڍو نخريلو پئي لڳو. ڏينهن جا ڏينهن سنبت ڪندو رهيو ۽ نيٺ هڪ ڏينهن پرهہ ڦٽيءَ جو ظاهر ٿيو.

اهو گل جنهن ڏاڍو توري تڪي سنبت پئي ڪئي، اوٻاسي ڏيندي چوڻ لڳو:

’مان اڃا پورو سجاڳ ناهيان ٿيو، معاف ڪجو منهنجا وار وکريل آهن.‘

گل جي سونهن ڏسي پتڪڙو شهزادو پاڻ کي روڪي نہ سگهيو:

’ڪيڏا نہ سهڻا آهيو توهان!‘ ـــ

گل ڏاڍيءَ نرميءَ سان جواب ڏنو:

’ائين ڪونهي. مان سج نڪرڻ وقت ڄائو آهيان ۽ اهو وقت نيرن جو هوندو آهي. توهان پلا مهرباني ڪري ان جو ڪو بلو ڪندا!‘

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ننڍڙو شهزادو سمجهي ويو تہ گل شرميلو صفا بہ ناهي، پر پوءِ بہ ڏاڍو هانءُ ٺاريندڙ آهي. ننڍڙي شهزادي پاڻيءَ جو ڦوهارو کنيو ان ۾ تازو پاڻي وجهي گل جي خدمت چاڪريءَ ۾ لڳي ويو.



پوءَ سگهوئي اهو گل، وڏائيءَ جي ڪري، اجايون فرمائشون ڪري، ننڍڙي شهزادي کي پريشان ڪرڻ لڳو. مثال: هڪ ڏينهن. پنهنجن ڪنڊن جي ڳالهہ ڪندي ننڍڙي شهزادي کي چوڻ لڳو:

’وڏن چنبن وارا شينهن اچي ته سگهن!‘

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



’منهنجي سياري تي شينهن آهن ئي ڪونہ ۽ ٻي ڳالهہ تہ شينهن گاهہ ناهي کائيندو.‘

گل نهايت نرميءَ سان وراڻيو:

’مان گاهہ ناهيان.‘

پتڪڙي شهزادي حيرت مان چيس:

’معاف ڪجو!؟

’مونکي شينهن کان ڪو ڀوءُ نٿو ٿئي، پر تيز هوائن کان نفرت آهي. توهان وٽ (مونکي تيز هوا کان بچائڻ لاءِ) ڪا چِک يا اوٽ ناهي؟‘

پتڪڙي شهزادي (دل ۾) چيو: ’ٻوٽا هوا کان نفرت ڪن! اها تہ وڏي نياڳ جي ڳالهہ چئبي... هي گل تہ مونکي سمجهہ ۾ ئي نٿو اچي.‘

’رات جو توهان مونکي گولي جي هيٺان رکيو هو. هتي ڏاڍو سيءُ آهي. توهان جو اهو بندوبست سٺو ناهي. مان جتان آيو آهيان...‘

پر گل کي پنهنجي ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽڻي پئي جو گل تہ ٻج مان ڦٽي آيو هو. ٻج ڪانسواءِ هن ڪو ٻيو جهان تہ ڏٺو ئي نہ هو. پنهنجو ڳهيلائپ وارو ڪوڙ پڪڙجڻ ڪري گل پريشان ٿيو پر پتڪڙي شهزادي کي غلط ثابت ڪرڻ لاءِ گل ٻہ ٽي ڀيرا کنگهيو:

’هيءَ اوٽ؟.. توهان جڏهن ڳالهہ ڪئي تہ مان تڏهن ان کي ڳولڻ پئي ويس‘

گل پوءِ ٻہ کنگهيو تہ جيئن پتڪڙو شهزادو (گل جي چڱيءَ طرح سنڀال نہ ڪرڻ تي) شرمندو ٿئي.

پتڪڙو شهزادو گل سان پيار ڪندو هو ۽ ان جي خدمت ڪرڻ تي مرضي ٻہ هئس، پر سنت ئي ڪيس گل تي شڪ ٿيڻ لڳو. پتڪڙي شهزادي کي ان ڳالهہ تي ڏک ٿيو تہ هن گل جي اجاين ڳالهين کي ايتري اهميت ڇو ٿي ڏني.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



هڪ ڏينهن پتڪڙي شهزادي مونکي ٻڌايو: ’مونکي گل جون ڳالهيون ٻڌڻ ئي نہ گهربيون هيون. گلن جي ڳالهہ ڪڏهن بہ نہ ٻڌڻ گهرجي. گلن کي ڏسجي، انهن جي خوشبو سنگهجي. منهنجي گل منهنجي سياري کي خوشبوءَ سان ڀري ڇڏيو هو پر مونکي سمجهہ نہ پئي آيو تہ، ان ڳالهہ جو مزو ڪيئن وٺجي. (شينهن جي) چنبن وارو قصو جنهن مونکي ايترو پريشان ڪيو هو مان ۾ تہ ڪهڪاءُ پيدا...‘

هن مونکي وڌيڪ ٻڌايو تہ:

’مونکي ناهي خبر تہ سمجهبو ڪيئن آهي! مان (ان گل کي) لفظن جي بنياد تي نہ بلڪ عملن جي بنياد تي پرکيان ها. گل مونکي خوشبو ڏني، مونکي خوش ڪيو هئائين، مونکي گل کان ڏار ٿيڻ نہ گهرجي ها. گل جي معصوماڻن انگلن پويان جيڪا شيءِ هئي مونکي ان جو اندازو لڳائڻ گهربو هو. گل ڏاڍا متضاد ٿيندا آهن، پر هن (گل) سان پيار ڪيئن ڪجي ها، منهنجي عمر، اهو سمجهي سگهڻ جوڳي نہ هئي.‘



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب نائون



يانيان ٿو تہ پنهنجي اڏامر لاءِ پتڪڙي شهزادي، لاڏائو جنگلي پکين جي مدد ورتي هوندي. سفر جي ڏينهن صبح جو پنهنجي سياري جي چنڊ ڦوڪ ڪيائين. ٻرندڙ جبلن (آتش فشان) کي ٻهارو ڏنائين. هن وٽ ٻہ ٻرندڙ جبل هئا ۽ اهي ٻرندڙ جبل نيرن جي ماني گرم ڪرڻ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڍي مدد ڪندا هئس. هن وٽ هڪ اُجهمايل جبل به هو پر جيئن هن ٻڌايو هو ته، ’(اُجهاميل جبل وري ڪڏهن ٻرڻ شروع ڪن) ان جو ڪو پتو ناهي پوندو!‘ تنهنڪري پتڪڙي شهزادي ان اُجهاميل جبل کي به ٻهارو ڏئي صاف ڪيو. جيڪڏهن ٻرندڙ جبلن کي ٻهارو ڏبو رهجي ته پوءِ اهي هوريان هوريان ۽ ترتيب سان گرم ٿيندا آهن ۽ ڌماڪو ڪري ناهن ڦاٽندا. ٻرندڙ جبلن جو ڦاٽڻ چمنيءَ جي روشني وانگر ٿيندو آهي. اسان جي ڌرتيءَ تي جيڪي ٻرندڙ جبل آهن اسان انهن کان ڏاڍا ننڍا آهيون. تنهنڪري انهن کي ٻهارو ناهيون پائي سگهندا. اهو ئي سبب آهي جو اهي (ٻرندڙ جبل) اسان کي ايترو پريشان ڪن ٿا.



پتڪڙي شهزادي بئيبيب وڻ جا جيڪي رهجي ويل سلا هئا، سي پٽي اڇلايا (اهو ڪم ڪندي ٿوري مايوسي بہ ٿيس). هن سمجهيو پئي تہ ڪيس وري ڪڏهن بہ اتي واپس اچڻو نہ پوندو. پر اهي روز وارا ڪم اڄ پتڪڙي شهزادي کي سهنجا ٿي لڳا. جڏهن گل کي پاڻي ڏئي (شيشي جي) گولي هيٺان رکيائين پئي، تڏهن پتڪڙي شهزادي پنهنجي پاڻ کي روئڻهارڪو محسوس ڪيو.

پتڪڙي شهزادي گل کي چيو: 'موڪلاڻي'.

پر گل ڪو بہ جواب نہ ڏنو.

'موڪلاڻي' هن وري چيو.

گل کنگهيو پر اها کنگهہ سيءَ جي ڪري نہ هئي.

گل نيٺ ڳالهايو پتڪڙي شهزادي کي چيائين:

'مان مت مُوڙهو هيس. مان توکان معافي ٿو گهران. خوش رهڻ جي ڪوشش ڪجانءِ'

پتڪڙي شهزادي کي حيرت ٿي تہ گل اڄ ڪو بہ ڪروڌ ناهي ڪيو. شيشي جو گولو هٿ ۾ جهلي، هو اچرج ۾ بيٺو رهيو. گل جي اهڙي نهٺائي کيس سمجهہ نہ پئي آئي.

گل چيس:

'هائو مان توسان پيار ڪيان ٿو. منهنجي غلطيءَ ڪري تون ان کي بلڪل بہ نہ ڄاڻي سگهئين. اها ڳالهہ ايتري اهم ناهي، پر تون بہ مون وانگر پوڪ هُئين. خوش رهڻ جي ڪوشش ڪجانءِ... هاڻي ان گولي کي پاسي تي رک. مونکي ان جي وڌيڪ گهرج ناهي.'

پتڪڙو شهزادو: 'پر تيز هوا...'

'ايتري تڏ ناهي لڳي مونکي...رات واري تازي هير مونکي چاڪ ڪري ڇڏيندي. نيٺ بہ تہ مان هڪ گل آهيان.'

پتڪڙو شهزادو: 'پر جهنگلي جانور...'

'جيڪڏهن مونکي پوپٽن سان ڏيٺ ويٺ ڪرڻي آهي تہ مونکي ٻہ يا ٽي ڪيئان (ڪيٽرپلر) پالڻا پوندا. اها ڳالهہ ڏاڍي ڀلي بہ آهي. نہ تہ ڪير ايندو مون وٽ چڪر تي؟ تون پاڻ تہ پري هوندين. جي ڳالهہ وڏن جانورن جي آهي تہ مونکي ڪو ڀؤ ناهي. مون وٽ پنهنجا ڪنڊا آهن!'

گل ڏاڍي معصوميت سان پنهنجا ڪنڊا ڏيکاريا. پوءِ چيائين:

'تون وڃڻ جو فيصلو ڪري چڪو آهين، سو هتي وڌيڪ نہ بيهہ! مونکي چڙ ٿي لڳي، وڃ!'

گل نہ پئي چاهيو تہ پتڪڙو شهزادو کيس روئيندو ڏسي. گل ڏاڍو نخريلو جو هو...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ڏهون

پتڪڙو شهزادو هاڻي تارن (هر هڪ نمبر) 325، 326، 327،328، 329 ۽ 330 جي علائقي ۾ پهچي چڪو هو. ڪم ڪار جي ڳولا ۽ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ هو واري واري سان انهن تارن جو دورو شروع ڪري ٿو. پهرين تاري تي هڪ بادشاهه رهندو هو. بادشاهه تيز ڳاڙهو واڱڻائي ۽ اڇن بجن وارو وڏو چوغو پهري، هڪ نهايت سادي، پر شاهاڻي تخت تي ويٺو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بادشاه پتڪڙي شهزادي کي ايندو ڏسي رڙ ڪري چيو:

’اوها ڏسو هڪ ٻانهو.‘

پتڪڙي شهزادي پنهنجي پاڻ کان سوال ڪيو:

’هن مونکي ڪيئن سڃاتو اڳ ۾ ڪڏهن مونکي ڏٺو به نه اٿئين!‘

پتڪڙي شهزادي کي اها خبر ئي نه هئي ته بادشاهن لاءِ دنيا ڏاڍي سادي ٿيندي آهي. سيئي ماڻهو (بادشاهن ليکي) ٻانها آهن.

بادشاه اڄ ڪنهن (ٻانهي) جو بادشاه ٿيڻ تي فخر محسوس پئي ڪيو سو پتڪڙي شهزادي کي چيائين:

’ويجهو اچ ته توکي چڱيءَ طرح ڏسي سگهان.‘

پتڪري شهزادي هيڏانهن هوڏانهن نظر ڊوڙائي ته جيئن ڪا شيءِ مليس ته ان تي ويهي سگهي، پر بادشاه جي وڏن بجن واري چوغي جا پلوَ سموري تاري تي ڦهليل هئا. تنهنڪري هو بيٺو رهيو ۽ جيئن ته هو ٿڪل هو ان ڪري اوٻاسي ڏنائين.

’بادشاه آڏو اوٻاسي ڏيڻ ادب احترام جي خلاف ورزي آهي. مان توکي ان کان منع ٿو ڪريان.‘

پتڪڙي شهزادي پريشانيءَ مان وراڻيو:

’مان پنهنجي پاڻ کي روڪي نه سگهيس. وڏي سفر تان آيو آهيان ۽ ستو به ناهيان...‘

بادشاه چيس.

’ته پوءِ مان توکي اوٻاسيون ڏيڻ جو حڪم ٿو ڏيان. ڪيترائي سال ٿيا آهن، جو مان ڪنهن کي اوٻاسيون ڏيندي ناهي ڏٺو. اوٻاسيون منهنجي لاءِ تجسس واري شيءِ آهن. شروع تي وڃ! اوٻاسيون ڏي، اهو حڪم اٿئي.‘

پتڪڙي شهزادي شرم ۾ ڳاڙهو ٿيندي جواب ڏنو:

’مان هيسجي ويس... وڌيڪ اوٻاسيون نٿيون اچن...‘

بادشاه چيو:

’هون!... هون!... ته پوءِ مان... مان توکي حڪم ٿو ڏيان ته بعضي اوٻاسيون ڏي ۽ بعضي...‘

بادشاه ٿورو ڇڙڪيو ڪاوڙيل پئي لڳو.

بادشاه لاءِ اها شيءِ بنيادي هئي ته سندس مختياري مڃي وڃي. حڪم عدولي (نافرماني) بلڪل برداشت نه ٿيندي هئس. هو هڪ مطلق (طاقتور) بادشاه هو پر جيئن ته هو ڏاڍو سٺو (بادشاه) هو. تنهنڪري هو سمجهه جوڳو حڪم ڏيندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’جيڪڏهن مان ڪنهن سپہ سالار کي حڪم ڏيان تہ هو پنهنجي پاڻ کي سامونڊي پکيءَ ۾ تبديل ڪري ڇڏي ۽ جي سپہ سالار اهو حڪم پورو نہ ڪري سگهي تہ پوءِ اها ان سپہ سالار جي نہ، پر منهنجي غلطي ٿيندي.‘

پتڪڙي شهزادي ڊڄندي ڊڄندي چيو: ’ڀلا مان ويهي سگهان ٿو؟‘

بادشاهہ شاهاڻي انداز ۾ پنهنجي وڏي چوغي جو پلئہ ٿورڙو پوئتي سورائيندي وراڻيو:

’مان توکي حڪم ٿو ڏيان تہ ويهہ.‘

پر پتڪڙو شهزادو هڪو ٻڪو (بيٺو) هو. هي تارو تہ بنهہ ننڍڙو هو بادشاهہ اتي نيٺ ڪهڙيءَ شيءِ تي حڪمراني ڪري ٿي سگهيو؟

پتڪڙي شهزادي بادشاهہ کي چيو:

’سائين... معاف ڪجو اگر گستاخي نہ سمجهو تہ مان توهان کان ڪجهہ پڇان...‘

بادشاهہ تڙ تڪڙ ۾ چيو:

’مان توکي حڪم ٿو ڏيان تہ مونکان پڇ.‘

’توهان ڪنهن تي حڪمراني ڪندا آهيو؟‘

بادشاهہ نهايت سادگيءَ سان وراڻيو:

’سڀ ڪنهن تي.‘

پتڪڙو شهزادو: ’سڀ ڪنهن تي (معنيٰ)؟‘

بادشاهہ سيارن / ستارن ڏانهن عاقلاڻي انداز ۾ هٿ جو اشارو ڪيو.

پتڪڙو شهزادو: ’انهن سمورن تي؟‘

بادشاهہ: ’انهن سمورن تي.‘

ڇو تہ هو نہ رڳو هڪ مطلق بادشاهہ پر سموريءَ ڪائنات جو بادشاهہ هو.

پتڪڙو شهزادو: ’۽ ستارا توهان جا حڪم مڃيندا آهن؟‘

بادشاهہ وراڻيو:

’بيشڪ! هڪدم مڃيندا آهن. مونکان نافرماني برداشت ناهي ٿيندي.‘

بادشاهہ جي ايتري وڏي راڄ ڀاڳ تي پتڪڙو شهزادو حيرت ۾ پئجي ويو. دل ۾ خيال آيس تہ جيڪر هن وٽ بہ بادشاهہ جيتري طاقت هجي ها تہ هو ڏينهن ۾ چوئيتاليهہ ڀيرا نہ، پر ٻاهتر يا اجا بہ سؤ يا اجا بہ ٻہ سؤ ڀيرا سج کي سمهندي ڏسي سگهي ها! سو بہ بنا پنهنجي ڪرسي سورڻ جي! پنهنجو پتڪڙو سيارو ڇڏي اچڻ تي ڏک ٿيس، پر همت ڪري بادشاهہ سان هڪ انگل ڪيائين:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’مان هڪ پيرو سچ ڪي سمهندو ڏسڻ ٿو چاهيان... مهرباني ڪيو... سچ ڪي سمهڻ جو حڪم ڏيو.‘

بادشاهه جواب ڏنو:

’جيڪڏهن مان ڪنهن سپه سالار کي حڪم ڏيان ته هو هڪ پوپٽ وانگر هڪ گل تان ٻئي گل ڏانهن اُڏامي ڏيکاري، يا هڪ اَلميو (ناٽڪ) لکي، يا پنهنجي پاڻ کي ساموندي پکيءَ ۾ تبديل ڪري ڇڏي ۽ جي سپه سالار مليل حڪم پورو نه ڪري سگهي ته پوءِ اها ڪنهن جي غلطي هوندي، هن جي يا منهنجي؟‘

پتڪڙي شهزادي ٺهه پهه جواب ڏنو:

’توهان جي.‘

’ڪنهن کان اهڙي گهر ڪجي، جيڪا هو پوري به ڪري سگهي. حڪمرانيءَ جو بنياد عقل تي هوندو آهي. جيڪڏهن توهان پنهنجن ماڻهن کي حڪم ڏيندا ته وڃي سمنڊ ۾ ٽپو ڏيو ته پوءِ انقلاب اچي ويندو. اهو منهنجو حق آهي ته منهنجا حڪم مڃيا وڃن، پر تڏهن جڏهن منهنجا حڪم سمجهه جوڳا هجن.‘

پتڪڙو شهزادو: ’پوءِ سج جو سمهڻ؟‘ پتڪڙو شهزادو جي هڪ ڀيرو ڪو سوال ڪري وجهي ته پوءِ اهو سوال وسرندو نه هئس.

بادشاهه: ’سج جو سمهڻ، توکي ملندو. مان حڪم ڏيندو مانس، پر منهنجي حڪومتي سائنس موجب، مونکي حالتن جي موزون ٿيڻ تائين انتظار ڪرڻو پوندو.‘

پتڪڙي شهزادي پڇيو:

’حالتون نيٺ ڪڏهن ٿينديون موزون؟‘

بادشاهه جواب ڏنو:

’هون! هون!‘ پوءِ بادشاهه هڪ وڏي ڪئلينڊر کي ڏسي چيو:

’هون! هون! اهو ٿيندو... ٿيندو... اهو ٿيندو، اڄ شام ست لڳي چاليهه منٽن تي.. پوءِ ڏسجانءِ ته سج منهنجو فرمان ڪيئن ٿو مڃي.‘

پتڪڙي شهزادي اوٻاسي ڏني. سج کي سمهندو ڏسڻ واري خواهش پوري نه ٿيڻ تي افسوس ٿيس ۽ ٿورو ٿورو ڪڪ ٿيڻ لڳو هو. سو بادشاهه کي چيائين:

’مونکي هاڻي هتي وڌيڪ ڪو ڪم ڪونهي. مان وڃان ٿو.‘

بادشاهه کي ورلي ڪو ٻانهو مليو هو سو ڏاڍو فخر ٿئي محسوس ٿيس، تنهنڪري پتڪڙي شهزادي کي چيائين:

’نہ وچ، نہ وچ! مان توکي وزير ٿو ناهيان.‘

پتڪڙو شهزادو: ’ڇا جو وزير؟‘

بادشاهہ: ’ڇاجو...! ڇاجو...! انصاف جو‘.

پتڪڙو شهزادو: ’هتي آهي ڪير، جنهن سان انصاف ڪجي!‘

بادشاهہ: ’خبر ناهي. مان تہ اڃا تائين پنهنجي راڄ جو دورو بہ ناهي ڪيو. مان ڏاڍو پوڙهو آهيان. شاهي بگي بيهارڻ لاءِ هتي ڪا جاءِ بہ ناهي، ۽ جي پنڌ ڪريان ٿو تہ ٿڪجي ٿو پوان.‘

پتڪڙي شهزادي بادشاهہ جي سياري جي ٻيءَ ڪنڊ تائين نظر ڦيرائيندي چيو: ’مان اڳواٽ ئي ڏسي چڪو آهيان. هوڏانهن هيٺ بہ ڪير ڪونهي.‘

بادشاهہ: ’پنهنجي پاڻ تي فيصلو ڏجانءِ. اهو ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. ٻين تي فيصلو ڏيڻ کان وڌيڪ ڏکيو ڪم آهي، پنهنجي پاڻ تي فيصلو ڏيڻ. جي تون پنهنجي پاڻ تي فيصلو ڏيڻ ۾ چڱيءَ ريت ڪامياب ٿئين ٿو تہ پوءِ تون سچ پچ ڏاهو ليکبين.‘

پتڪڙو شهزادو: ’پنهنجي پاڻ تي فيصلو تہ ڪاٿي بہ ڏئي ٿو سگهان، ان لاءِ مونکي هتي رهڻ جي ضرورت ناهي.‘

بادشاهہ: ’هون! هون! مونکي پڪ آهي تہ منهنجي سياري تي هڪ پوڙهو ڪوئو رهي ٿو. رات جو ان جا آواز ٻڌندو آهيان. تون ان پوڙهي ڪوئي تي فيصلو ڏجانءِ. ان کي بعضي بعضي موت جي سزا ڏيندو رهجانءِ، تہ جيئن ڪوئي جي حياتي، تنهنجي انصاف جي محتاج هجي، پر هميشہ معافي ڏئي جيئدان ڏجانس، جو ان هڪ (ڪوئي) کانسواءِ هتي ٻيو ڪوبہ ناهي.‘

پتڪڙو شهزادو: ’مونکي (ڪنهن کي) موت جي سزا ڏيڻ ناهي وڻندي ۽ مان سمجهان ٿو تہ مونکي هتان هلڻ کپي.‘

بادشاهہ: ’نہ‘

پتڪڙو شهزادو هلڻ جي سموري تياري تہ ڪري چڪو هو پر پوڙهي بادشاهہ کي رنجائڻ بہ نٿي چاهيائين:

پتڪڙو شهزادو: ’جيئن تہ سائينءَ جن جي اها خواهش هوندي آهي تہ سائين جن جا فرمان مڃيا وڃن، تنهنڪري سائينءَ جن مونکي اهو حڪم ڏين. جيڪو سمجهہ جوڳو (معقول) هجي. مثال طور: سائينءَ جن مونکي اهو حڪم ڏئي ٿا سگهن تہ هڪ منٽ کان بہ اڳ ۾ هتان هليو وڃ. ان حڪم لاءِ حالتون بہ موزون ٿيون لڳن.‘

بادشاهه ڪوبه جواب نه ڏنو. پتڪڙو شهزادو ٿورو ترسيو پوءِ ٿڌو شوڪارو ڀري اتان هلڻ لڳو.

بادشاهه تڙ تڪڙ ۾ رڙ ڪئي: ’مان توکي پنهنجو سفير مقرر ٿو ڪريان.‘ بادشاهه اها ڳالهه وڏي جاه جلال واري انداز ۾ ڪئي.

هلندي هلندي ننڍڙي شهزادي پنهنجي پاڻ سان ڳالهايو: ’وڏا سچ پچ ڏاڍا عجيب غريب آهن.‘.

# باب يارهون

ٻين سياري تي هڪ پاڻ پڏائيندڙ (خود پسند) ماڻهو رهندو هو.

پاڻ پڏائيندڙ جڏهن پتڪڙي شهزادي کي ڏٺو تہ، پري کان ئي رڙ ڪيائين:

’واه! واه! منهنجو ساراهيندڙ اچي پيو.‘



پاڻ پڏائيندڙن ليکي ٻيا سمورا ماڻهو هنن جا ساراهيندڙ آهن.

پتڪڙو شهزادو: 'بونجوگ (فرينچ ۾ ڏينهن جو کيڪارڻ وقت بونجوگ چون). توهان جو توپلو ڏاڍو دلچسپ آهي.'

پاڻ پڏائيندڙ: ماڻهن کي کيڪارڻ لاءِ پاتو اٿم. جڏهن ڪو مونسان - لي احوالي ٿيندو آهي تہ مان هي ٽوپلو مٿي کٽي کيس کيڪاريندو آهيان. بدقسمتيءَ سان هن پاسي ڪڏهن ڪو ماڻهو آيو ئي ناهي.'

پتڪڙي شهزادي کي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي، سو چيائين: 'اڇا؟'

پاڻ پڏائيندڙ: 'پنهنجو هڪ هٿ ٻي هٿ تي هڻ.'

پتڪڙي شهزادي پنهنجا هٿ هڪ ٻي تي هنيان تہ تاڙي وڳي. پاڻ پڏائيندڙ آرام سان پنهنجو ٽوپلو مٿي ڪري سلام ڪيو.

پتڪڙي شهزادي پنهنجي پاڻ سان ڳالهايو: 'بادشاهہ کان تہ هي ماڻهو وڌيڪ مزيدار آهي.'

۽ پوءِ پتڪڙي شهزادي تاڙين پوبان تاڙيون وڄائڻ شروع ڪيون تہ پاڻ پڏائيندڙ ماڻهو بہ سلام مٿان سلام ڪندو ٿي ويو.

ساڳي ساڳي حرڪت ڏسي پنجن منٽن کانپو تڪڙو شهزادو اڃي ان راند مان ڪڪ ٿيو.

پتڪڙو شهزادو: 'جي ٽوپلو ڪري پوي ت

پر پاڻ پڏائيندڙ ماڻهوءَ هن جي ڳالهہ ٻڌي ئي ڪانہ. پاڻ پڏائيندڙ تعريف ۽ واکاڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهن ٻڌندا.

پاڻ پڏائيندڙ: 'چا سچ پچ تون منهنجي گهڻي ساراهہ ٿو ڪرين ؟'

پتڪڙو شهزادو: 'ساراهہ جي معنيٰ چا آهي؟'

پاڻ پڏائيندڙ: 'ساراهہ جي معنيٰ آهي، اهو مڃڻ تہ مان ڏاڍو سهڻو ڏاڍا سٺا ڪپڙا پهريندڙ تمام گهڻو امير ۽ ان سياري جو سڀ کان وڌيڪ عقلمند انسان آهيان.'

پتڪڙو شهزادو: 'پر تون تہ ان سياري تي اڪيلو آهين.'

پاڻ پڏائيندڙ: 'تنهن هوندي بہ منهنجي ساراهہ ڪر، مهرباني ڪر.'

پتڪڙي شهزادي پنهنجا ڪلها لوڏيندي چيو:

'مان تنهنجي ساراهہ ڪريان ٿو پر ساراهہ ۾ اهڙي ڪهڙي ڳالهہ آهي، جو تون ان ۾ ايتري دلچسپي ٿو وٺين؟'

پتڪڙو شهزادو اُتان اُسهيو ۽ سادي انداز ۾ پاڻ سان ڳالهائيندو ٿي ويو: 'پڪ ٿي تہ وڏا تمام گهڻا عجيب غريب آهن.'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ٻارهون

ان سياري تي هڪ مڌ پياڪ رهندو هو. هي دورو هو تہ تمام مختصر، پر ان دوري پتڪڙي شهزادي کي ڪو وقت اداس ڪري وڌو هو:



پتڪڙي شهزادي ڏٺو تہ ڪيترين ئي ڀريل ۽ خالي بوتلون پيل آهن ۽ پياڪ بوتلن جي اڳيان خاموش ويٺو آهي، تنهنڪري پياڪ کي چيائين:

پتڪڙو شهزادو: 'تون هتي ڇا پيو ڪرين؟'

پياڪ: ' مان پيان ٿو.' هُو دلگير ٿي لڳو.

پتڪڙو شهزادو: 'ڇو ٿو پيئين؟'

پياڪ: 'وسارڻ لاءِ.'

پتڪڙي شهزادي کي پياڪ سان همدردي ٿيڻ لڳي، سو پياڪ کان پڇيائين:
پتڪڙو شهزادو: ’ڇا وسارڻ لاءِ؟‘
پياڪ پنهنجو منهن هيٺ ڪندي جواب ڏنو:
’پشيماني وسارڻ لاءِ‘.
پتڪڙي شهزادي جي دل ۾ آيو تہ هن جي مدد ڪري، تنهنڪري هن کان سوال ڪيائين:
پتڪڙو شهزادو: ’ڪهڙي ڳالهہ جي پشيماني ؟‘
پياڪ: ’ان ڳالهہ جي تہ مان مڌ پياڪ آهيان.‘ اها ڳالهہ ڪري هُو ماٺ ٿي ويو.
۽ پتڪڙو شهزادو حيران پريشان ٿي اتان هلڻ لڳو. هلندي هلندي پاڻ سان ڳالهائيندو پئي ويو:
’سچ پچ، صفا پڪ ٿي تہ وڏا ڏاڍا عجيب غريب آهن.‘

# باب تيرهون

چوٿون سيارو هڪ واپاريءَ جو هو. هي همراهه جوڙ ڪٽ ۾ (ڪم ۾) ايترو رڌل هو جو پتڪڙي شهزادي جي اچڻ تي منهن متي ڪري ڏنائينس بہ ڪونہ.



پتڪڙو شهزادو: 'بونجوگ. توهان جو سگريٽ وسامي ويو آهي.'

واپاري:'ٽي ۽ ٻہ ٽيا پنج. پنج ۽ ست ٽيا ٻارنهن. ٻارنهن ۽ ٽي ٽيا پندرنهن. بونجوگ (فرينچ ۾ بونجوگ جي جواب ۾ پڻ بونجوگ چوڻ). پندرنهن ۽ ست، ٻاويهہ. ٻاويهہ ۽ ڇهہ، اٺاويهہ. سگريٽ ڪي ٻيهر دکائڻ جيترو بہ وقت ناهي. ڇويهہ ۽ پنج، ايڪٽيهہ. واهہ! واهہ! اهي ٽيا ڪل پنج ڪروڙ سورنهن لک ٻاويهہ هزار ست سو ايڪٽيهہ.'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پتڪڙو شهزادو: 'پنج ڪروڙ ڇاڄا؟'

واپاري: 'هان! تون اڃا اتي بيٺو آهين؟ پنج ڪروڙ ڇاڄا...! مونکي ناهي خبر. مونکي ڏاڍو ڪم ڪرڻو آهي! مان سنجيدو ماڻهو آهيان. اجايون ڳالهيون مونکي مزو ناهن ڏينديون! ٻه ۽ پنج ٿيا، ست.'

پتڪڙو شهزادو: 'پنج ڪروڙ ڇاڄا؟'

پتڪڙي شهزادي پنهنجو سوال ورجايو. هو هڪ ڀيرو جي ڪو سوال ڪري وجهندو هو ته پوءِ زندگي ڀر ان جي پچر نه ڇڏيندو هو.

واپاريءَ پنهنجو منهن مٿي ڪيو:

واپاري: 'چوونجاهه سالن کان وٺي مان ان سياري تي رهان پيو ۽ صرف ٽي ڀيرا منهنجي ڪم ۾ رخنو پيو آهي: پهريون ڀيرو ان ڳالهه کي ٻاويهه سال ٿيا آهن. هڪ ٽنڊڻ خدا ڄاڻي ڪاٿان اچي ڪِريو ۽ ايترو ڏمچر وڌائين. جو مان پنهنجي حساب ۾ چار چڪون ڪري ويٺس. ٻيون رخنو يارنهن سال اڳ پيو. سنڌن جي سور جي ڪري. مان ورزش ناهيان ڪندو. واندو ناهيان جو اجايو جاٺا هٽندو وتان. مان نهايت سنجيدو ماڻهو آهيان. ٽيون ڀيرو...هاڻي، سو مون چيو ٿي پنج ڪروڙ...'

پتڪڙو شهزادو: 'ڪروڙ ڇاڄا؟'

واپاري سمجهي ويو ته. سڪون ملڻ جو ڪو آسرو ناهي.

واپاري: 'ڪروڙ انهن شين جا. جيڪي ڪڏهن ڪڏهن آسمان ۾ ڏسبيون آهن.'

پتڪڙو شهزادو: 'مکيون؟'

واپاري: 'نه! پتڪڙيون چمڪندڙ شيون.'

پتڪڙو شهزادو: 'ماکيءَ جون مکيون؟'

واپاري: پتڪڙيون سونهري شيون. جيڪي نترماڻهن کي اجايا (ڏينهن جا) خواب ڏيکاريندڙيون آهن. پر مان سنجيدو ماڻهو آهيان. ڏينهن جا خواب ڏسڻ واسطي وقت ڪونه اٿم.'

پتڪڙو شهزادو: 'اوه! ستارا؟'

واپاري: 'صحي، ستارا.'

پتڪڙو شهزادو. 'پنج ڪروڙ ستارن جو ڇا ڪندو آهين؟'

واپاري: 'پنج ڪروڙ سورنهن لک ٻاويهه هزار ست سو ايڪٽيهه. مان سنجيدو ماڻهو آهيان. ليکي چوکي ۾ ٽڙ آهيان.'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پتڪڙو شهزادو: ’پر انهن ستارن جو ڪندو ڇا آهين؟‘

واپاري: ’ڪجهه بہ نہ. اهي منهنجي ملڪيت آهن.‘

پتڪڙو شهزادو: ’ستارا تنهنجي ملڪيت آهن؟‘

واپاري: ’هائو.‘

پتڪڙو شهزادو: ’پر مان هڪ بادشاهہ سان مليس، جنهن...‘

واپاري: ’بادشاهن وٽ ڪجهه بہ ناهي هوندو. اهي صرف حڪمراني ڪندا آهن. جيڪا هڪ مختلف ڳالهہ آهي.‘

پتڪڙو شهزادو: ’ستارا تنهنجي ملڪيت آهن، پر ان ملڪيت جو توکي ڪهڙو فائدو ٿيندو آهي؟‘

واپاري: ’ان ملڪيت جي ڪري امير ٿيو آهيان، اهو فائدو آهي.‘

پتڪڙو شهزادو: ’امير ٿيڻ سان ڪهڙو فائدو ٿو ملئي؟‘

واپاري: ’(امير ٿيڻ جو) فائدو اهو تہ جيڪي نوان ستارا ليندا آهن، تن کي مان خريد ڪندو آهيان.‘

پتڪڙي شهزادي دل ۾ چيو ’هن همراهہ جو منطق بہ ڪجهه ڪجهه پياڪ جهڙو آهي.‘

پوءِ پتڪڙي شهزادي اجا وڌيڪ سوال ڪيا:

پتڪڙو شهزادو: ’ستارا ڪنهن جي ملڪيت ڪيئن ٿا ٿي سگهن؟‘

واپاريءَ خار مان جواب ڏنو:

واپاري: ’نہ تہ پوءِ ڪنهن جا آهن؟‘

پتڪڙو شهزادو: ’مونکي ناهي خبر. ڪنهن جا بہ ناهن.‘

واپاري: ’سڀ کان پهريان مان ئي سوچيو (تہ ستارا خريد ڪجن) تنهنڪري اهي منهنجا آهن.‘

پتڪڙو شهزادو: ’بس! (رڳو سوچڻ سان ملڪيت ٿي ويا)‘

واپاري: ’بلڪل! جي تون ڪڏهن ڪو هيرو لهين، جيڪو ڪنهن بہ ماڻهوءَ جو نہ هجي تہ پوءِ اهو تنهنجو ٿيو نہ! جيڪڏهن تون ڪو ٻيٽ لهين، جيڪو ڪنهن بہ ماڻهوءَ جو نہ هجي تہ پوءِ اهو تنهنجو ٿيو نہ! جيڪڏهن ڪا سوچ سڀ کان اڳ تنهنجي دماغ ۾ اچي ۽ تون ان سوچ تي پنهنجو قانوني حق محفوظ (پيٽنٽ) ڪرائين تہ پوءِ اها تنهنجي ملڪيت ٿي نہ! ائين ئي ستارا منهنجي ملڪيت ٿيا، ڇو جو اها ڳالهہ سڀ کان اڳ مان ئي سوچي.‘

پتڪڙو شهزادو: ’صحيح آهي. انهن ستارن جو ڪرين ڇا ٿو؟‘

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واپاري: ’مان انهن جو انتظام سنڀاليندو آهيان. انهن کي هيڪر ڳڻي وري ٻيهر ڳڻيندو آهيان. ڪم ڏکيو آهي، پر مان آهيان سنجيده قسم جو ماڻهو.‘

پر پتڪڙو شهزادو اڃا مطمئن نه ٿيو هو.

پتڪڙو شهزادو: ’جي مون وٽ ڪو بوڇڻ (اسڪارف) هوندو ته، مان ان کي ڳچيءَ ۾ ويڙهي پيو گهمندس. جي مون وٽ ڪو گل هوندو ته مان ان کي پٽي پاڻ سان گڏ کڻي گهمندس. ستارن کي ته تون پٽي نه ٿو سگهين!‘.

واپاري: ’نه، پر مان پوءِ انهن کي بئنڪ ۾ رکندو آهيان.‘

پتڪڙو شهزادو: ’ان جو مطلب؟‘

واپاري: ’مطلب اهو ته پني جي هڪ ٽڪري تي پنهنجن ستارن جو ڪل تعداد لکي، پوءِ ان پني کي خاني ۾ رکي تالو هڻي ڇڏيندو آهيان.‘

پتڪڙو شهزادو: ’بس!‘

پتڪڙي شهزادي دل ۾ سوچيو ته، ’اها ڳالهه دلچسپ آهي، شاعريءَ وانگر (نئين به) آهي، پر ايتري سنجيده ڪونهي.‘

پتڪڙي شهزادي جو اهم، سنجيده ڳالهين وارو تصور وڏن جي اهم، سنجيده ڳالهين واري تصور کان بلڪل مختلف هو.

پتڪڙو شهزادو: ’مون وٽ هڪڙو گل آهي ۽ مان ان کي نئين سِج پاڻي ڏيندو آهيان. ٻه برندڙ ۽ هڪ اُجهاميل جبل اٿم، تنهي کي هر هفتي ٻهارو ڏيندو آهيان. اجهاميل جبل کي به انڪري ٻهارو ڏئي ڇڏيندو آهيان، جو خبر ناهي (وري ڪڏهن ٿو ٻرڻ شروع ڪري). منهنجن جبلن ۽ منهنجي گل کي منهنجي ملڪيت هئڻ ڪري فائدو ٿئي ٿو. پر ستارن لاءِ تون ڪنهن به فائدي جو ناهين...‘

واپاريءَ (جواب ڏيڻ لاءِ) وات ته کوليو پر سمجهه نه آيس ته ڇا چوي. پتڪڙو شهزادو اتان اُسهيو ۽ هلندي هلندي دل ۾ چوندو ٿي ويو: ’سچ پچ وڏا ڏاڍا نرالا آهن‘.

# باب چوڏهون

پنجون سيارو اڳين مڙني سيارن کان نئيو هو پر هو ڏاڍو پر تجسس. ڪل ايراضي ايتري هئس، جنهن ۾ هڪ فانوس ۽ فانوس ٻارينڊڙ ماڻهو ئي سگهيا. پتڪڙي شهزادي کي اها ڳالهه سمجهه نٿي آئي ته، آسمان جي هڪ اڻڄاتل حصي ۾ موجود ان سياري ۾، جنهن ۾ نه ڪو گهر آهي ۽ نه ئي ڪا آبادي، ته پوءِ نيٺ اهو فانوس ۽ فانوس وارو ڪهڙي فائدي جا آهن.

پتڪڙي شهزادي دل ۾ چيو:



’پتڪڙو شهزادو: ’عين ممڪن آهي ته هيءُ همراهه مت مُوڙهو هجي، تنهن هوندي به بادشاهه ٻاڻ پڏائيندڙ واپاريءَ ۽ پياڪ کان ته گهٽ بيوقوف آهي. گهٽ ۾ گهٽ ڪو سمجهه جوڳو ڪم ته ڪري پيو.‘

جڏهن هن فانوس ٻاريو ته ائين لڳو ڄڻ ڪو ستارو ٽمڪيو هجي، ڪو گل ڦٽو هجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فانوسِ وسايائين تہ ائين لڳو جڻ ڪو ستارو سمهي پيو هجي. يا ڪو گل ڪومائجي ويو هجي. اهو تہ ڏاڍو سهڻو ڪم آهي ۽ چاڪاڻ جو سهڻو ڪم آهي، ان لاءِ فائدي وارو بہ آهي.'

سياري تي لهي پتڪڙي شهزادي فانوس ٻارينڊڙ کي ادب سان کيڪاريو:

پتڪڙو شهزادو: 'بونجوگ. فانوس ڇو وسائيي؟'

فانوس وارو: 'حڪم موجب. بونجوگ..'

پتڪڙو شهزادو:' حڪم ڇا آهي تہ؟'

فانوس وارو: 'تہ فانوس وسائي ڇڏيان. بونسوا.' (فرينچ ۾ شام ويلي بونسوا چئي کيڪارين).

وري فانوس روشن ڪيائين.

پتڪڙو شهزادو: 'وري ڇو ٻاريئي؟'

فانوس وارو: 'حڪم موجب.'

پتڪڙو شهزادو: 'ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي.'

فانوس وارو: 'سمجهڻ جي ڪا ڳالهہ آهي بہ ڪانہ. حڪم حڪم ٿيندو آهي. بونجوگ' ۽ وري فانوس وسائي ڇڏيائين. پوءِ ڳاڙهين چوڪڙين واري هڪ رومال سان پنهنجو نرڙ اُگهيائين.

فانوس وارو: 'ڏاڍي ڏکي ڪرت آهي. اڳي ڪجهہ سمجهہ ۾ تہ ايندو هو صبح فانوس وساءِ ۽ شام جو ٻار. سڄو ڏينهن آرام ۽ سڄي رات سڪون جي ننڊ ڪندو هيس.'

پتڪڙو شهزادو: 'ءِ ان ڪان پوءِ حڪم متجي ويو؟'

فانوس وارو: 'حڪم ناهي متيو اهو ئي تہ الميو آهي. سياري جو ڦيرو سال بہ سال تيز کان تيز ٿيندو پيو وڃي ۽ حڪم اجا تائين ناهي متيو.'

پتڪڙو شهزادو: 'پوءِ؟'

فانوس وارو: 'پوءِ اهو تہ سيارو هڪ منٽ ۾ ڦيرو مڪمل ڪري ٿو ۽ مونکي آرام لاءِ هڪ سيڪنڊ بہ نٿو ملي. هڪ منٽ ۾ فانوس ٻاري وري وسائڻو ٿو پويم.'

پتڪڙو شهزادو: 'ڏاڍي مزيدار ڳالهہ آهي. تنهنجي سياري تي ڏينهن صرف هڪ منٽ جو ٿيندو آهي.'

فانوس وارو: 'صفا بہ مزيدار ناهي. ڪچهريءَ ڪچهريءَ ۾ پورو هڪ مهينو گذري ويو اٿئي.'

پتڪڙو شهزادو: 'هڪ مهينو؟'

فانوس وارو: 'پيو نہ تہ! ٽيهہ منٽ...ٽيهہ ڏينهن. بونسوا.'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري فانوس روشن ڪيائين.

پتڪڙي شهزادي فانوس واري کي ڏنو پئي. ڪيس هيءُ همراهه ڏاڍو وڻيو چاڪاڻ جو هيءُ ايمانداريءَ سان حڪم جو پورائو ڪندو ٿي آيو. ڪرسي سوريندي سج کي سمهندو ڏسڻ واري پنهنجي ڳالهه ياد آيس. دل چيس تہ پنهنجي هن دوست (فانوس واري) جي مدد ڪري:

پتڪڙو شهزادو: 'خبر اٿئي...مونکي هڪ طريقو سُجهي ٿو جنهن سان تون جڏهن بہ چاهين آرام ڪري سگهين ٿو.'

فانوس وارو: 'سدائين اهو ئي تہ چاهيندو آهيان، ڇو تہ اهو بلڪل ممڪن آهي تہ ماڻهو ساڳي وقت ايماندار بہ هجي تہ ٿوتي بہ.'

پتڪڙي شهزادي صلاح ڏنس:

پتڪڙو شهزادو: 'تنهنجو سيارو ايترو ننڍڙو آهي، جو تي وکون کڻڻ سان چوڌاري ڦيرو ڏئي سگهين ٿو. هوريان هوريان هلندين تہ سدائين سج جي سامهون هوندين. جڏهن بہ ڪم ڪرڻ تي دل نہ چوئي تہ هلڻ شروع ڪجانءِ... ۽ تون جيترو وقت چاهين ڏينهن اوتري وقت جو هوندو.'

فانوس وارو: 'ان جو مونکي ڪو گهڻو فائدو نہ ٿيندو. زندگيءَ ۾ مونکي صرف هڪ ئي شيءِ سان پيار آهي...ننڊ.'

پتڪڙو شهزادو: 'ڪو آسرو ناهي!'.

فانوس وارو: 'ڪو آسرو ناهي!. بونجوگ.'

۽ فانوس وسائي ڇڏيائين.

پتڪڙو شهزادو پنهنجي سفر تي اُسهيو ۽ دل ۾ چوندو ٿي ويو:

پتڪڙو شهزادو:' بادشاهہ پاڻ پڏائيندڙ پياڪ، واپاري، سيئي هن همراهہ کي غلط چوندا، پر هي واحد ماڻهو هو، جيڪو مونکي مت مُوڙهو نہ لڳو. چاڪاڻ جو هيءُ پولڙي نچائو ناهي، پاڻ سان گڏ ڪنهن ٻيءَ شيءِ جي اون بہ اٿس.'

افسوس وچان ٿڌو شوڪارو ڀريندي وري پنهنجي پاڻ سان ڳالهائڻ لڳو:

'هيءُ واحد ماڻهو هو جنهن کي پنهنجو دوست بڻائي ٿي سگهيس، پر سندس سيارو تمام ننڍڙو آهي، ٻن ماڻهن (جي رهڻ) جيتري جڳهہ ئي ناهي.'

اصل افسوس، جنهن کي مڃڻ جي همت پتڪڙي شهزادي نہ ٿي ساري، اهو هئس تہ ان سياري تي هو چوويهن ڪلاڪن ۾ چوڏنهن سؤ چاليهہ ڀيرا سج کي سمهندو ڏسي سگهي ها.

# باب پندرهون

ڇهون سيارو (ڇهين سيارن کان) ڏهوڻ تي وڏو هو. ان سياري تي هڪ پوڙهو ڄاڻو رهندو هو، جنهن وڏا وڏا ڪتاب پئي لکيا.



پوڙهي ڄاڻوءَ جڏهن پتڪڙي شهزادي کي ايندي ڏٺو تہ زور سان چيائين:
پوڙهو ڄاڻو: 'ڏسو! هڪ کوجي پيو اچي.'
پتڪڙو شهزادو ميز تي چڙهي ويهي رهيو. هو ٿورو سهڪيو پئي. تمام گهڻو سفر ڪري اُتي پهتو هو.
پوڙهو ڄاڻو: 'تون ڪاٿان پيو اچين؟'
پتڪڙو شهزادو: 'هي وڏو ڪتاب ڇا جي باري ۾ آهي؟ توهان ڇا ڪندا آهيو؟'
پوڙهو ڄاڻو: 'مان جاگرافيءَ جو ماهر (جاگرافي دان) آهيان.'
پتڪڙو شهزادو: 'جاگرافي دان ڇا هوندو آهي؟'
پوڙهو ڄاڻو: 'جاگرافي دان ان ڄاڻوءَ کي چيو ويندو آهي، جنهن کي اها ڄاڻ هوندي آهي تہ سمنڊ، درياءَ، شهر، جبل ۽ ريگستان ڪاٿي آهن.'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پتڪڙو شهزادو: ’ڏاڍي دلچسپ ڳالهہ آهي. نيٺ سچ پچ ڪم جي ڪا ڳالهہ ملي!‘

پوءِ جاگرافي دان جي سياري جي چؤطرف نظر ڦيرايائين. اهڙو ڪو بيو عظيم سيارو هيل تائين ڪونہ ڏٺو هئائين.

پتڪڙو شهزادو: ’توهان جو سيارو ڏاڍو سٺو آهي. ڀلا اتي ڪي سمنڊ آهن؟‘

جاگرافي دان: ’مان نٿو ڄاڻي سگهان.‘

پتڪڙو شهزادو: ’اڇا! ڀلا ڪي جبل؟‘

جاگرافي دان: ’مان نٿو ڄاڻي سگهان.‘

پتڪڙو شهزادو: ’ڪي ڳوٺ، ڪي درياءَ، ڪي ريگستان؟‘

جاگرافي دان: ’مان نٿو ڄاڻي سگهان.‘

پتڪڙو شهزادو: ’پر توهان تہ جاگرافيءَ جا ماهر آهيو.‘

جاگرافي دان: ’صحيح چيئي، پر مان کوجي ناهيان. کوجين جي سخت کوٽ اٿم. ڳوٺن، دريائن، جبلن، سمونڊن ريگستانن جي ڳڻپ جو ڪم جاگرافي دان جو ناهي. جاگرافي دان ڏاڍو اهم ماڻهو هوندو آهي، اجايو جاتا ناهي هڻندو وتندو. هو پنهنجي آفيس مان نڪرندو ئي ناهي، کوجين سان اتي ملندو آهي، ڪائن سوال جواب ڪندو آهي ۽ انهن جي ڳالهہ ٻولهہ درج ڪندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن کوجيءَ جي ڳالهہ جاگرافي دان کي دلچسپ لڳندي آهي تہ پوءِ هو کوجيءَ جي چال چلت بابت سوال ڪندو آهي.‘

پتڪڙو شهزادو: ’(چال چلت بابت سوال) ڇالاءِ تہ؟‘

جاگرافي دان: ’ان ڪري تہ جي ڪو کوجي ڪوڙ هڻي (۽ جي اهو ڪوڙ جاگرافيءَ جي ڪتابن ۾ درج ٿي وڃي) تہ پوءِ جاگرافيءَ جي ڪتابن اندر وڏي خرابي پيدا ٿي ويندي. گهڻي پياڪ کوجيءَ تي بہ اها شيءِ لاڳو ٿئي ٿي.‘

پتڪڙو شهزادو: ’ڇالاءِ تہ؟‘

جاگرافي دان: ’ان لاءِ جو خمارن ۾ شيون ٻٽيون نظر اينديون آهن. پوءِ جاگرافي دان بہ هڪ جي جاءِ تي ٻہ جبل درج ڪري ڇڏيندو.‘

پتڪڙو شهزادو: ’مان بہ هڪڙي همراهہ کي سڃاڻان، جيڪو خراب کوجي ثابت ٿيندو.‘

جاگرافي دان: ’ٿي سگهي ٿو. جڏهن کوجيءَ جي چال چلت چڱي ثابت ٿيندي آهي تہ پوءِ سندس کوجنا بابت پڇا ڳاڇا ٿيندي آهي.‘

پتڪڙو شهزادو: ’کوجنا (پاڻ) ڏسڻ ويندا آهيو؟‘

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاگرافي دان: ’نہ اهو (ڪوجنا پاڻ وٽي ڏسڻ) تمام پيچيده ڪم آهي، تنهنڪري ڪوجيءَ کي چئبو آهي تہ هو پنهنجي ڪوجنا جو ثبوت پيش ڪري. مثال طور، جي ڪو وڏو جبل دريافت ڪيو اٿس تہ، ڪيس چئبو آهي تہ ان جبل جون وڏيون ڇپون پاڻ سان گڏ کڻي اچي.‘

جاگرافي دان کي اوچتو جولان چڙهيو:

’جاگرافي دان: ’تون...تون پاڻ بہ تہ گهڻو پري کان آيو آهين. تون هڪ ڪوجي آهين! پنهنجي سياري بابت بيان ڪر.‘

جاگرافي دان پنهنجو وڏو ڪتاب کوليو، پينسل گهڙڻ لڳو. ڪوجين جا بيان پهريان پينسل سان لکبا هئا. جڏهن ڪوجي پنهنجي ڪوجنا بابت ثبوت پيش ڪري چڪندو تہ پوءِ سندس بيان کي مس سان لکي ڇڏبو هو.

جاگرافي دان: ’سو؟‘

پتڪڙو شهزادو: ’منهنجي سياري تي ڪي گهٽيون دلچسپ شيون ناهن. ڏاڍو ننڍڙو سيارو آهي. ٽي جبل آهن، ہ برندڙ ۽ هڪ اُجهاميل، پر خبر ناهي تہ وري ڪڏهن....‘

جاگرافي دان: ’ناهي پوندي اها خبر ڪڏهن بہ....‘

پتڪڙو شهزادو: ’ها! هڪ گل بہ آهي.‘

جاگرافي دان: ’اسان گلن بابت ڪا بہ ڳالهہ درج ناهيون ڪندا.‘

پتڪڙو شهزادو: ’ڇو؟ اهو گل تہ سڀ کان وڌيڪ سهڻو آهي!‘

جاگرافي دان: ’ڇو جو گلن کي جتاءُ ناهي.‘

پتڪڙو شهزادو: ’جتاءُ ناهي معنيٰ؟‘

جاگرافي دان: ’جاگرافيءَ جا ڪتاب ٻين سڀني ڪتابن کان وڌيڪ قيمتي ٿيندا آهن. انهن ۾ درج ڳالهيون ڪڏهن بہ متروڪ يا پراڻيون ناهن ٿينديون. ڇو جو ائين ورلي ٿيندو تہ ڪو جبل پنهنجي جاءِ مٽائي يا ڪو سمنڊ پاڻي اوڳاڇي پاڻ کي خالي ڪري ڇڏي. اسان انهن شين جا احوال درج ڪندا آهيون، جن کي جتاءُ هوندو آهي.‘

پتڪڙو شهزادو:’ پر اُجهاميل جبل وري ٻري سگهن ٿا. جتاءُ ناهي جي معنيٰ ڇا آهي؟‘

جاگرافي دان:’ اسان لاءِ اها ڳالهہ اهم آهي تہ جبل آهي، پوءِ اهو ٻري يا اُجهامي. جبل ناهي مٽبو.‘

پتڪڙو شهزادو: ’پر جتاءُ ناهي جي معنيٰ ڇا آهي؟‘

پتڪڙي شهزادي پنهنجو سوال ورجايو. ڇاڪاڻ جو هو جڏهن ڪو سوال ڪري وجهندو هو تہ پوءِ سڄي ڄمار ان جي پچر نہ ڇڏيندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاگرافي دان: ’جنهن جي معنيٰ آهي ته اهڙي شيءِ، جيڪا اِجهو ختم ٿي وڃي.‘

پتڪڙو شهزادو: ’منهنجو گل اجهو ختم ٿيڻ تي آهي؟‘

جاگرافي دان: ’بيشڪ!‘

پتڪڙي شهزادي دل ۾ چيو:

’منهنجو گل اِجهو ختم ٿيڻ تي آهي، پنهنجي بچاءَ لاءِ وٽس چڙو چار ڪنڊا آهن! ۽ مان هن کي پنهنجي سياري تي اڪيلو ڇڏي آيو آهيان!‘ اهو پهريون ڀيرو هو جو کيس ڪنهن ڳالهه تي پڇتاءُ ٿيو پر پوءِ همت ٻڌي جاگرافي دان کان سوال ڪيائين:

پتڪڙو شهزادو: ’مان اڳتي دوري لاءِ ڪيڏانهن وڃان؟ توهان جي ڇا صلاح آهي؟‘

جاگرافي دان: ’ڌرتيءَ تي. ان جي چڱي ساراهه ٻڌي اٿئون.‘

۽ پتڪڙو شهزادو پنهنجي گل بابت سوچيندو اتان روانو ٿيو.

# باب سورهون

ستون سيارو هئي ڌرتي.

ڌرتي ڪو اهڙو تهڙو سيارو ناهي. هتي (بشمول ڪارن آفريڪين جي) هڪ سو يارنهن بادشاهہ، ست هزار جاگرافي دان، نوَ لک واپاري، ساڍا ستر لک پياڪ، ايڪٽيهہ ڪروڙ يارنهن لک پاڻ پڏائيندڙ ۽ لڳ ڀڳ ٻہ ارب وڏا آهن.

هڪ ڳالهہ ٿو ٻڌايان، جنهن سان توهان کي اندازو ٿيندو تہ ڌرتي ڪيتري وڏي آهي. ڳالهہ اها تہ بجليءَ جي ايجاد کان اڳ، ڌرتيءَ جي ڇهن کنڊن تي چار لک ٻاهٺ هزار پنج سو يارنهن فانوس ٻاريندڙ هئا، جيڪا هڪ وڏي لوڏ هئي.

جيڪڏهن ٿورو پري کان (ڌرتيءَ کي) ڏسجي ها تہ اهو منظر ڏاڍو عاليشان لڳي ها، اوپيرا (سنگيت ناٽڪ) جي ٻئلي (ناچ) جيان! سڀ کان اڳ نيوزيلينڊ ۽ آسٽريليا جي فانوس ٻاريندڙن جو وارو ٿي آيو. اتان جا فانوس ٻاريندڙ پنهنجا فانوس ٻاري وڃي آرامي ٿيندا هئا. فانوس ٻاريندڙن جي ان ناچ ۾ هاڻي چين ۽ سائيبيريا جي فانوس ٻاريندڙن جو وارو آهي ۽ هي پڻ (فانوس ٻاري) منظر تان هٽي ويا. هاڻي وارو آهي روسي، اتر ۽ ڏکڻ ايشيائي فانوس ٻاريندڙن جو. انهن کانپوءِ آفريڪا ۽ يورپ جو وارو آ. ان کان پوءَ ڏکڻ آمريڪا ۽ آخر ۾ اتر آمريڪي فانوس ٻاريندڙن پنهنجو وارو ورتو. منظر تي اچڻ ۽ منظر تان هٽڻ واريءَ ان ترتيب ۾ ڪڏهن ڪا چڪ نہ ٿي. ڏاڍو عاليشان منظر هو.

اتر قطب جو فانوس وارو ۽ ڏکڻ قطب وارو، سندس ساٿي ٻہ اهڙا فانوس وارا هئا، جن زندگي واندڪائيءَ ۽ بيپرواهيءَ ۾ پئي گذاري. ڇاڪاڻ جو سال ۾ رڳو ٻہ ڀيرا فانوس ٻارڻو پوندو هئن.

# باب سترهون

اسان جڏهن ڪل پوڳ ڪندا آهيون، تڏهن ٿورو ڪوڙ سوڙ بہ هٽي ويندا آهيون. توهان سان فانوس وارن جو قصو ڪندي ايمانداريءَ کان ڪم نپٽي ورتم. مونکي خبر آهي تہ اهي جن کي ڌرتيءَ بابت ڪا ڄاڻ ناهي، سي منهنجي ان قصي جي ڪري ڌرتيءَ جي باري ۾ غلط اندازو بہ هٽي سگهن ٿا. (سچ اهو آهي تہ) ماڻهو ڌرتيءَ جي تمام ٿوري ايراضي والارين ٿا. ڌرتيءَ تي آباد بہ ارب ماڻهو جيڪڏهن گڏجي، سوڙها سوڙها ٿي بيهن (جيئن جلسي يا ميڙاڪي ۾ بيهندا آهن) تہ سمورا جا سمورا ماڻهو ويهہ ميل ڊگهي، ويهہ ميل ويڪري ميدان ۾ ماپي ويندا. سڄي جي سڄي انسانذات کي پئسفڪ سمنڊ جي سپ کان ننڍي ڪنهن ٻيٽ تي سولائيءَ سان سٿي سگهجي ٿو.

پر وڏا، پڪ ڄاڻو توهان جي ڳالهہ تي پروسو نہ ڪندا. وڏن ليکي هو تمام گهڻي ايراضي والاري وينا آهن. وڏا، بئبيب وڻن وانگر، پنهنجي پاڻ کي ڏاڍو اهم سمجهندا آهن. توهان وڏن کي چئو تہ پاڻ حساب لڳائي ڏسن. اها ڳالهہ وڻندن، خوش ٿيندا، ڇو جو وڏن کي انگن سان پيار آهي. پر جي توهان کي مون تي پروسو آهي تہ پوءِ پنهنجو وقت ان ڏکيءَ مشق (وڏن سان مٿي ماريءَ) ۾ نہ وڃائجو. ڇاڪاڻ جو ان جو ڪو بہ فائدو ناهي.

پتڪڙو شهزادو ڌرتيءَ تي لٿو تہ ڏاڍو حيران ٿيو ڇاڪاڻ جو اُتي ڪو ماڻهو ڏسڻ ۾ ئي نہ پئي آيس. ڊپ ٿيس تہ متان ڪنهن غلط سياري تي تہ نہ اچي ڦهڪو ڪيو هجئين.

پوءِ واريءَ ۾ ليٽڙيون پائيندڙ چانڊوڪيءَ جي رنگ واري ۽ منڊيءَ وانگر وڪوڙيل هڪ شيءِ تي نظر پيس.

پتڪڙي شهزادي ڏُکي تي چئي ڏنو: 'بونئي!' (فرينچ ۾ رات جو ڪيڪارڻ يا موڪلائڻ مهل چون).

نانگ: : 'بونئي!'

پتڪڙو شهزادو: 'مان ڪهڙي سياري تي اچي ڪريو آهيان؟'

نانگ: 'ڌرتيءَ تي، آفريڪا ۾.'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ننڍڙو شهزادو: 'هون! ڌرتيءَ تي ڪي ماڻهو ناهن؟'
نانگ:' هيءَ جاءِ.. هڪ ريگستان آهي. ماڻهو ريگستانن ۾ ناهن هوندا. ڌرتي ڏاڍي وڏي آهي.'
ننڍڙو شهزادو هڪ پٿر تي ويهي رهيو ۽ پنهنجون اکيون مٿي ڪري آسمان ڏانهن نهارڻ لڳو:
ننڍڙو شهزادو پنهنجي پاڻ کان سوال ڪندو آهي ته. 'ڇا تارا ان ڪري ٽمڪندا آهن ته جيئن ڪڏهن نه ڪڏهن هر ڪو پنهنجو پنهنجو تارو وري ڳولي سگهي! هو ڏس منهنجو سيارو...اسان جي صفا مٿان...پر اسان کان ڪيترو نه پري آهي!'
نانگ: 'سهڻو آهي. هتي ڇا ڪرڻ آيو آهين؟'
ننڍڙو شهزادو: 'هڪ گل سان منهنجي اڻبڻت ٿي پئي هئي.'
نانگ: 'هون!'
ننڍڙو شهزادو: 'ماڻهو ڪاٿي آهن؟ ريگستان ۾ اڪيلائپ پيو محسوس ڪيان.'
نانگ: 'جتي ماڻهو رهن ٿا، اتي به هر ڪو (پاڻ کي) ايترو ئي اڪيلو محسوس ڪندو آهي.'
ننڍڙو شهزادو ڪو وقت نانگ کي ڏسندو رهيو... ۽ پوءِ نانگ کي چيائين:
'تون دلچسپ جانور آهين. آڱر وانگر سنهڙو.'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



نانگ: 'پر مان ڪنهن بادشاهه جي آڱر کان به وڏيڪ طاقتور آهيان.'

پتڪڙو شهزادو مشڪيو:

پتڪڙو شهزادو: 'تون گهڻو طاقتور ناهين...تو وٽ (ٻين جانورن وانگر) چنبا ڪونهن... گهمي به نٿو سگهين...'

نانگ: 'مان توکي ڪٽي ايترو پرتي پهچائي ٿو سگهان، جيترو پرتي پاڻيءَ جو جهاز به نه پهچائي سگهئي.'

ائين چئي نانگ، سوني ڪڙي وانگر، پنهنجي پاڻ کي پتڪڙي شهزادي جي مُري جي چوڏاري وڪوڙي ڇڏيو.

نانگ: 'مان جنهن کي ڪکيندو آهيان، تنهن کي هڪ لحظي اندر مٽيءَ ۾ واپس اماڻي ڇڏيندو آهيان، پر تون نج ماڻهو آهين ۽ (پرانهين) ستاري تان آيل آهين.'

پتڪڙي شهزادي ڪو به جواب نه ڏنو.

نانگ: 'توتي رحم ٿو اچي، تون نماڻو ۽ هيءَ سخت پٿرن جي ڌرتي! جي ڪڏهن پنهنجي سياري جي سڪ ستاوئي ته پوءِ مان مدد ڪندوسانءِ. مان اهو ڪري سگهان ٿو ته...'

پتڪڙو شهزادو: 'مان چڱيءَ طرح سمجهي ويس. پر تون ڳجهارتن ۾ ڇو ٿو ڳالهائين؟'

نانگ: 'مان اهي سيئي ڳجهارتون پيچندو به آهيان.'

پوءِ ٻئي خاموش ٿي ويا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ارڙهون

پتڪڙي شهزادي اهو ريگستان پار ڪيو پر تن پتين واري هڪ عام رواجي گل سان اوچتيءَ ملاقات کانسواءِ ٻي ڪا شيءِ نہ ڏٺيس.



پتڪڙو شهزادو: 'بونجوگ.'

گل: 'بونجوگ.'

پتڪڙي شهزادي ڏاڍي لحاظ سان گل کان پڇيو:

'ماڻهو ڪاٿي آهن؟'

گل هڪ ڀيري هڪڙو قافلو گذرندي ڏٺو هو:

گل: 'ماڻهو؟ ڀائيان ٿو تہ ڪل ڇهہ يا ست ماڻهو آهن. انهن کي ڏٺي بہ ڪي سال ٿيا. پر (هاڻي) هنن کي ڪاٿي ڳولجي، اها خبر ناهي. هوا ماڻهن کي اڏائي ٿي وڃي. ماڻهن کي پاڙون ناهن ۽ ان ڳالهہ جي ڪري ڏاڍا پريشان آهن.'

پتڪڙو شهزادو: 'موڪلاڻي.'

گل: 'موڪلاڻي.'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب اٺويهون

پتڪڙو شهزادو هڪ وڏي جبل تي چڙهيو. هيل تائين رڳو پنهنجي سياري وارا ٽي پتڪڙا، گوڏي جيترا جبل ئي ڏٺا هئائين. پتڪڙو شهزادو اُجهاميل جبل کي تہ اسٽول طور استعمال ڪندو هو. تنهنڪري ايڏو وڏو جبل ڏسي اٽڪل هلايائين تہ، ’ ان وڏي جبل تي چڙهي، سڄي ڌرتي ۽ سمورا ماڻهو هڪ ئي ڌڪ ۾ ڏسي ڇڏيندس.‘ پر (جبل تي چڙهڻ ڪانپوءِ) تيز نوڪدار پٿرن ڪانسواءِ ٻي ڪا شيءِ نظر نہ آيس.



پتڪڙي شهزادي ڏُڪي تي چڙهي ڏنو: ’بونجوگ.‘

’بونجوگ... بونجوگ... بونجوگ...‘ پڙاڏي ورندي ڏنس.

پتڪڙو شهزادو: ’توهان ڪير آهيو؟‘

پڙاڏو: ’توهان ڪير آهيو... توهان ڪير آهيو... توهان ڪير آهيو...‘

پتڪڙو شهزادو: ’مونسان دوستي رکو... مان اڪيلو آهيان.‘

پڙاڏو: ’مان اڪيلو آهيان... مان اڪيلو آهيان... مان اڪيلو آهيان...‘

پتڪڙو شهزادو: ’ڏاڍو عجيب غريب سيارو آهي. سڄو جو سڄو سڪل ٺوٺ، نوڪدار ۽ دز سان ڀريل! ماڻهن ڪي الائي جي عقل ڪونهي! جيڪو چوان ٿو اهو ئي ٽا ورجائين. منهنجي سياري تي تہ (منهنجو) گل هميشہ اول ڳالهائيندو هو.‘

# باب ويهون

پر پوءِ ٿيو ائين جو گهڻو وقت واريءَ، جبلن ۽ برف ۾ رلندي ڦرندي، نيٺ پتڪڙي شهزادي کي هڪ دڳ ملي ئي ويو. دڳ تہ سڌو ماڻهن ڏانهن (وٽي) ويندا آهن.

اتي گلاب جي گلن جو هڪ باغ نظر آيس.

پتڪڙو شهزادو: 'بونجوگ.'

گل: 'بونجوگ.'



پوءِ هو گلن کي ڏسڻ لڳو. هي گل هوبهو پنهنجي گل جهڙا ئي لڳس.

پتڪڙي شهزادي (ايترا گهڻا گل ڏسي) اچرج مان پڇيو:

پتڪڙو شهزادو: ' توهان ڪير آهيو؟'

گل: 'اسان گلاب جا گل آهيون.'

پتڪڙو شهزادو: 'هون!'

ڏاڍو ڏک ٿيس. ڇاڪاڻ جو پنهنجي گل ٻڌايو هيس تہ هو سڄيءَ دنيا ۾ پنهنجي جنس جو اڪيلو گل آهي، پر هي ڏسو! هن جهڙا پنج هزار گل، سي بہ هڪ ئي باغ ۾!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



’منهنجو گل جو اچي هنن گلن کي ڏسي ته هوند ڏاڍي چڙ لڳيس ها. پوءِ پيو کنگهي ها ۽ ٺٺول کان بچڻ لاءِ اهڙو ڍنڍ ڪري ها، ڄڻ اجهو ٿو مري! پوءِ مونکي به اهو ناٽڪ ڪرڻو پوي ها ته هن جي خدمت چاڪري ڪري وري نوبنو پيو ڪيانس ۽ جي ائين نه ڪيان ها ته پوءِ هو مونکي ڦڪو ڪرڻ لاءِ سچ پچ مري به وڃي ها...‘

’مان پنهنجي پاڻ کي امير سمجهندو هيس، ڇاڪاڻ جو مونکي لڳندو هو ته مون وٽ هڪ نرالو گل آهي، پر منهنجو گل ته هڪ عام رواجي گلاب آهي. اهو هڪڙو گل ۽ گوڏي جيترا ٽي جبل (متان انهن مان ڪو هڪڙو هميشه لاءِ وسامي به ويو هجي)، مونکي هڪ عظيم شهزادو ڪونه ٿا بڻائين.‘

۽ پوءِ هو ڇپر تي ليٽي روئڻ لڳو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ايڪويهون

پوءِ هڪ لومڙ ظاهر ٿيو.



لومڙ: ’بونجوگ.‘

پتڪڙو شهزادو: ’بونجوگ.‘

پتڪڙي شهزادي هيڏانهن هوڏانهن نظر ڊوڙائي، پر ڪا بہ شيءِ نظر نہ آيس.

لومڙ: ’مان هيڏانهن آهيان.. صوف جي وڻ هيٺان.‘

پتڪڙو شهزادو:’ تون ڪير آهين؟ تون تہ ڏاڍو سهڻو آهين.‘

لومڙ: ’مان لومڙ آهيان.‘

پتڪڙو شهزادو: ’اچ تہ کيڏون...مان ڏاڍو اداس آهيان.‘

لومڙ: ’مان توسان نٿو کيڏي سگهان. مان ڏاريل ناهيان.‘

پتڪڙو شهزادو: ’هون! معاف ڪجو.‘

پوءِ ڪجهه سوچي پتڪڙي شهزادي لومڙ کان سوال ڪيو.

پتڪڙو شهزادو: ’ڏاريل جي معنيٰ ڇا آهي؟‘

لومڙ: ’تون هتان جو ناهين ڇا؟ هتي ڇا پيو ڳولهين؟‘

پتڪڙو شهزادو: ’ماڻهن کي پيو ڳولهيان. ڏاريل جي معنيٰ ڇا آهي؟‘

لومڙ: ’ماڻهو! ماڻهن وٽ بندوقون اٿئي ۽ هو شڪار ڪندا آهن. اها ڏاڍي پريشان ڪندڙ ڳالهه آهي. ماڻهو ڪڪڙ بہ پالين. ڇڙو اهي ئي مشغلا اٿن. تون ڪڪڙ پيو ڳولهين؟‘



پتڪڙو شهزادو: ’نہ. مان دوست پيو ڳولهيان. ڏاريل جي معنيٰ ڇا آهي؟‘

لومڙ: ’اها هڪ وساريل شيءِ آهي. ان جي معنيٰ آهي لاڳاپا پيدا ڪرڻ.‘

پتڪڙو شهزادو: ’لاڳاپا پيدا ڪرڻ؟‘

لومڙ: ’بلڪل. اڃا تائين تون منهنجي لاءِ ٻين هزارين لکين پتڪڙن ڇوڪرن جهڙو ئي هڪڙو پتڪڙو ڇوڪرو آهين. انڪري مونکي تنهنجي ضرورت ناهي. توکي بہ منهنجي ضرورت ناهي، ڇاڪاڻ جو اڃا تائين مان بہ تنهنجي لاءِ ٻين هزارين لکين لومڙن جهڙو ئي هڪڙو لومڙ آهيان. پر جي تون مونکي ڏاريندين تہ پوءِ اسان کي هڪ ٻئي جي ضرورت محسوس ٿيندي. پوءِ تون منهنجي لاءِ سڄيءَ دنيا ۾ نرالو ٿي پوندين. مان بہ تنهنجي لاءِ سڄيءَ دنيا ۾ نرالو ٿي پوندس.‘

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پتڪڙو شهزادو: ’سڻڪ پوي پئي!... هڪڙو گل آهي.... پائيان ٿو تہ اهو منهنجو ڏاريل آهي.‘

لومڙ: ’تي سگهي ٿو. ڌرتيءَ تي گهڻو ڪجھہ ٿيندو رهندو آهي.‘

پتڪڙو شهزادو: ’نہ! اهو ڌرتيءَ تي ناهي.‘

لومڙ کي ڏاڍو تجسس ٿيو: ’ڪنهن ٻئي سياري تي؟‘

پتڪڙو شهزادو: ’هائو!‘

لومڙ: ’ڪر خبر، ان سياري تي شڪاري آهن؟‘

پتڪڙو شهزادو: ’نہ.‘

لومڙ: ’واہ واہ! ڏاڍي ڀلي ڳالھہ چئبي! ۽ ڪڪڙ آهن؟‘

پتڪڙو شهزادو: ’نہ.‘

لومڙ (ٿڌو شوڪارو ڀريندي) : ’هر شيءِ ۾ ڪانہ ڪا کوٽ هوندي آهي.‘

ٿوريءَ ساهيءَ کانپوءِ لومڙ وري پنهنجي ڳالھہ تي اچي ويو.

لومڙ: ’منهنجي زندگيءَ ۾ نواڻ ناهي. مان ڪڪڙن جو شڪار ڪيان ۽ ماڻهو وري منهنجو شڪار ڪن. ڪڪڙ بہ سيئي هڪجهڙا ۽ ماڻهو بہ سيئي هڪجهڙا. تنهنڪري مان ٿورو ڪڪ ٿي پيو آهيان. پر جي تون مونکي ڏارين ٿو تہ پوءِ منهنجي زندگي روشن ٿي ويندي. مان هڪڙن (تنهنجن) قدمن جي آواز کي سڃاڻڻ سکندم جيڪو ٻين سڀني قدمن جي آوازن کان نرالو هوندو. ٻين قدمن جي آواز تي مان ٻر ۾ لڪي ويندو آهيان. پر تنهنجي قدمن جي آواز تي مونکي ائين لڳندو تہ اهو آواز مونکي ٻر مان ٻاهر اچڻ لاءِ پيو ڪري، موسيقيءَ وانگر!... ۽ ڏس!....ڏٺئي؟...هوڏانهن هيٺ ٻنيءَ ۾ ڪڻڪ جو فصل؟ مان ماني ناهيان کائيندو. ڪڻڪ منهنجي ڪنهن ڪم جي ناهي. ڪڻڪ سان منهنجي ڪا بہ يادگيري جڙيل ناهي. اها ڪيتري نہ افسوس جي ڳالھہ آهي! ...تنهنجن وارن جو رنگ سونهري آهي، ڪڻڪ بہ سونهري آهي، جي تون مونکي ڏاريندين تہ ڏاڍو سٺو ٿيندو. ڪڻڪ ڏسي مونکي تون ياد ايندين، پوءِ مونکي ڪڻڪ مان گذرندڙ هوا جي آواز سان پيار ٿي ويندو.‘



پوءِ لومڙ چپ ٿي ويو ۽ ڪو وقت پتڪڙي شهزادي کي ڏسندو رهيو.

لومڙ:'مهرباني ڪري مونکي ڌار.'

پتڪڙو شهزادو: 'منهنجي بہ دل ڌاڍي ٿي چوي، پر مان وٽ گهڻو وقت ناهي. دوستَ ڳولهڻا اٿم، گهڻيون ئي شيون ڄاڻڻيون اٿم.'

لومڙ: 'رڳو ڌاريل شين کي ئي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو سگهجي. ماڻهن وٽ ڪجهہ ڄاڻڻ جو وقت ئي ناهي. هر شيءِ دڪان تان وٺندا آهن، پر دوست دڪان تي نہ ٿا ملن، تنهنڪري ماڻهن وٽ دوست ناهن. جي توکي ڪو دوست گهرجي تہ پوءِ مونکي ڌار.'

پتڪڙو شهزادو:' ڌاربو ڪيئن آهي؟'

لومڙ: 'ڌارڻ لاءِ وڏو صبر کپي. شروع شروع ۾ تہ تون ڇہر تي، مونکان ٿورو پرڀرو ٿي ويهندين. مان اک ٽيٽ ڪري توکي ڏسندس پر تون مونسان صفا بہ نہ ڳالهائيندين. ٻولي غلط فهميءَ جي جڙ آهي، پوءِ ڏينهن بہ ڏينهن تون منهنجي ٿورو ٿورو ويجهو اچي ويهندين.'

پتڪڙو شهزادو ٻئي ڏينهن وري ان جاءِ تي آيو.

لومڙ: 'جي تون ساڳي وقت تي اچين ها تہ ڪيترو نہ ڀلو ٿي ها. مثال طور، جي تون ٽيهريءَ جو چئين وڳي اچين ٿو تہ مان ٽن وڳي کان خوش ٿيڻ شروع ٿيندس. جيئن جيئن تنهنجي اچڻ جو وقت ويجهو ٿيندو ويندو، مان تئين تئين وڌيڪ خوش ٿيندو ويندس. چئين وڳي تہ مان، اوسيئڙي ۾، اڳ ئي اڻ تڻ ۾ هجان ها. (اوسيئڙي، اڻ تڻ جي ڪري) مونکي خوشيءَ جي قدر قيمت جو پتو پوي ها! پر جي تون ائين ڪنهن بہ وقت تي اچي ويندين تہ پوءِ

مونکي تہ ڪڏهن بہ اها خبر نہ پوندي تہ ڪهڙي وقت تي پنهنجي دل کي تنهنجي لاءِ تيار ڪري رکان... سوڻ ساٽ بہ ڪا شيءِ ٿيندي آهي!'

پتڪڙو شهزادو: 'سوڻ ساٽ معنيٰ؟'

لومڙ: 'اها بہ وساريل شين مان هڪ آهي. سوڻ ساٽ نہ هجن تہ هڪ ڏينهن ٻئي ڏينهن کان يا هڪ ڪلاڪ ٻئي ڪلاڪ کان نرالو ڪيئن ٿئي؟ مثال طور، منهنجن شڪارين وٽ هڪ سوڻ آهي تہ هو خميس ڏيهاڙي ڳوٺ جي ڇوڪرين سان گڏجي ناچ ڪندا آهن. تنهنڪري خميس (منهنجي لاءِ) ڏاڍو ڀلو ڏينهن آهي. مان ڊاک جي فصل تائين چڪر چاڙهي ڪرڻ ويندو آهيان. پر جيڪڏهن منهنجن شڪارين جي جڏهن دل چوي ناچ ڪن تہ پوءِ منهنجي لاءِ تہ سيئي ڏينهن هڪجهڙا ٿي ويندا ۽ پوءِ ڪا موڪل بہ ڪانہ ملندم.'

قصو ڪوتاهہ..پتڪڙي شهزادي لومڙ کي ڏاري پر جڏهن پتڪڙي شهزادي جي (پنهنجي سفر تي)اسهڻ جو وقت آيو تہ:

لومڙ: 'آه! مان رُئندس.'

پتڪڙو شهزادو: 'اها تنهنجي ئي غلطي آهي، مان توکي ڏکارو ڪرڻ نہ پئي چاهيو. ڏارڻ تي تڪ تون ئي ٻڌي،'

لومڙ: 'هائو.'

پتڪڙو شهزادو:'۽ پوءِ بہ تون رُئندين!'

لومڙ:'هائو.'

پتڪڙو شهزادو:' پوءِ تہ توکي ڪجهہ بہ نہ وريو.'

لومڙ: 'وريو...ڪڻڪ جي رنگ سان جڙيل يادگيري..وڃ ۽ گلن کي ٻيهر ڏس. توکي سمجهہ ۾ اچي ويندو تہ تنهنجو گل دنيا ۾ واقعي بہ نرالو آهي. واپس اچي مونکان موڪلائجان. توکي هڪ ڳُجهہ ڀريو تحفو ڏيندس.'

پتڪڙو شهزادو گلن کي ٻيهر ڏسڻ ويو.

پتڪڙو شهزادو: 'توهان منهنجي گل جهڙا بلڪل نہ آهيو تنهنڪري توهان منهنجي لاءِ ڪجهہ بہ نہ آهيو. توهان نہ ڪنهن جا ڏاريل آهيو ۽ نہ ئي ڪنهن توهان کي ڏاريو آهي. توهان ائين آهيو جئين ڪجهہ وقت اڳ منهنجو لومڙ هو. تڏهن هو منهنجي لاءِ ٻين هزارين لکين لومڙن جهڙو هو پر جڏهن کان هو منهنجو دوست ٿيو تڏهن کان منهنجي لاءِ نرالو ٿي پيو آهي.'

پتڪري شهزادي جون سِڏيون ٻڌي گل ڏاڍا پريشان ٿيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پتڪڙو شهزادو:'توهان سهڻا آهيو پر آهيو کوکلا. ڪو بہ توهان لاءِ مري نٿو سگهي. سچ پچ تہ منهنجو گل منهنجو آهي. هتان گذرندڙ ڪنهن عام واٽهڙوءَ کي بہ ائين لڳي ها تہ (منهنجو) گل توهان جهڙو آهي، پر اهو هڪڙو گل (منهنجي لاءِ) توهان سيني کان وڌيڪ اهم آهي، ڇاڪاڻ تہ مان ان کي پاڻي ڏيندو هيس. ڇاڪاڻ تہ هو اهو گل آهي، جنهن کي (شيشي جي) گولي جي هيٺان رکندو هيس. ڇاڪاڻ تہ هو اهو گل آهي، جنهن کي اوٽ ڏئي (هوائن کان) بچايم. جنهن تي چرندڙ ڪيئان مون ماريا (ٻہ ٽي ڪيئان ڇڏيم تہ جيئن اهي پوپٽ ٿي سگهن)، جنهن جو ڪنجهڻ ڪرڪڻ، پاڻ پڏائڻ يا جنهن جي خاموشي مان ٻڌندو هيس... ڇاڪاڻ تہ هو منهنجو گل آهي.'

پوءِ پتڪڙو شهزادو لومڙ وٽ ويو.

لومڙ: 'موڪلاڻي. هي وٺ منهنجو ڳجهہ پريو تحفو اَٽئي ڏاڍو سادو. ڪنهن کي چڱيءَ طرح صرف دل جي نظر سان ئي ڏسي سگهجي ٿو. سڀ کان وڌيڪ اهم شيءِ اکين کان اوجهل هوندي آهي.'

پتڪڙوشهزادو: 'سڀ کان وڌيڪ اهم شيءِ اکين کان اوجهل هوندي آهي.'

پتڪڙي شهزادي لومڙ جا لفظ ورجايا تہ جيئن چڱيءَ طرح ياد ٿي وڃنس.

لومڙ: 'جيڪو وقت تون پنهنجي گل تي وڃايو ان (وڃايل) وقت جي ڪري ئي اهو گل تنهنجي لاءِ ايترو اهم ٿي پيو.'

پتڪڙوشهزادو: 'جيڪو وقت تون پنهنجي گل تي وڃايو ان (وڃايل) وقت جي ڪري ئي اهو گل تنهنجي لاءِ ايترو اهم ٿي پيو.'

پتڪڙي شهزادي لومڙ جا لفظ ورجايا تہ جيئن چڱيءَ طرح ياد ٿي وڃنس.

لومڙ: 'ماڻهن اهو سچ وساري ڇڏيو آهي، پر تون ان سچ کي ڪڏهن بہ نہ وسارجان. تون جيڪا شيءِ ڏارين ٿو تہ پوءِ سدائين لاءِ ان شيءِ جي ذميداري توتي آهي. تو تي گل جي ذميداري آهي.'

پتڪڙوشهزادو: 'مون تي گل جي ذميداري آهي.'

پتڪڙي شهزادي اُهي لفظ ورجايا تہ جيئن چڱيءَ طرح ياد ٿي وڃنس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ٻاويهون

پتڪڙو شهزادو: ’بونجوگ.‘

ريل جي ڪانٽي وارو: ’بونجوگ.‘

پتڪڙو شهزادو:’تون هتي ڇا ڪندو آهين؟‘

ڪانٽي وارو: ’مان مسافرن کي هزار هزار جي ٽولن ۾ ورهائيندو آهيان. ريل گاڏيون مسافر کڻنديون آهن تہ مان ريل گاڏين کي ڪڏهن ساڄي تہ وري ڪڏهن کاٻي پاسي اماڻيندو آهيان.

اتان هڪ روشني گجگوڙ وانگر دانهون ڪندي تيزيءَ سان گذري، جنهن ڪري ڪانٽي واري جو دفتر لڏي ويو.

پتڪڙو شهزادو:’ڏاڍي ڪا تڪڙ هئن. هو ڇا پيا ڳولين؟‘

ڪانٽي وارو: ’اها خبر تہ ريل هلائيندڙ کي بہ ناهي.‘

ٻئي طرف کان هڪ ٻي روشني، رڙيون ڪندي، تيزيءَ سان گذري.

پتڪڙو شهزادو: ’هو واپس اچي ويا؟‘

ڪانٽي وارو: ’هي ساڳيا نہ هئا. هي تہ ريل گاڏين (جي طرف) جو مٽاسٽا هئي.‘

پتڪڙو شهزادو: ’هي ماڻهو جنهن جاءِ تي هئا، ڇا اتي اطمينان نہ هئن؟‘

ڪانٽي وارو: ’ماڻهو جنهن بہ جاءِ تي هوندو آهي، اتي ڪڏهن بہ اطمينان نہ هوندو اٿس.‘

وري هڪ ٽين روشني گجگوڙ ڪندي، تيزيءَ سان گذري.

پتڪڙو شهزادو: ’ هي وري پهرين (ريل وارن) مسافرن جي ڪڍ آهن؟‘

ڪانٽي وارو: ’ هي ڪنهن جي بہ ڪڍ ناهن. (ماڻهو) ريل جي اندر ننڊون ڪندا آهن يا اوٻاسيون پيا ڏيندا آهن. صرف ٻار ئي ريل جي دريءَ (جي شيشي) تي نڪ هنيو ويٺا (ٻاهر پيا) ڏسندا آهن.‘

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پتڪڙو شهزادو: ’(اهو ان جي ڪري جو) اها چاڻ صرف ٻارن کي ئي هوندي آهي تہ، ڪين چا جي ٻڪولا آهي. ڪپڙي جي هڪ گُڏيءَ تي ٻار پنهنجو وڏو وقت وڃائيندا آهن ۽ پوءِ اها (گُڏي) ٻارن لاءِ ڏاڍي اهم بڻجي پوندي آهي. جيڪڏهن ڪو انهن کان سندن گُڏي ڏار ڪري تو تہ هو روئڻ لڳندا آهن.‘

ڪانٽي وارو: ’ٻار سياڳا آهن.‘

# باب ٽيويهون

پتڪڙو شهزادو: 'بونجوگ.'

دڪاندار: 'بونجوگ.'

هن دڪاندار اڄ ختم ڪندڙ گوريون ٽي ڪپايون. هڪ گوري ڳيهو ۽ سڄو هفتو اڄ کان آجا هجو (سڄو هفتو ڪجهه بہ پيئڻ جي ضرورت نہ پوندي).

پتڪڙو شهزادو: 'هي گوريون ڇالاءِ ٿو ڪپائين؟'

دڪاندار: 'ان گوريءَ جي ڪري وقت جي ڏاڍي بچت ٿئي ٿي. ماهرن متا ڪٿ ڪري حساب لڳايو آهي. ماڻهو هفتي ۾ ٽيونجاهہ منٽ بچائي سگهي ٿو.'

پتڪڙو شهزادو: 'ءِ ماڻهو انهن بچيل ٽيونجاهہ منٽن ۾ ڇا ڪندا آهن؟'

دڪاندار: 'جيڪو دل چوين ڪندا آهن.'

پتڪڙو شهزادو:' مون وٽ ٽيونجاهہ منٽن جي واندڪائي هجي تہ مان جيڪر ڏاڍو آرام سان پاڻيءَ جي ڪنهن چشمي ڏانهن وڃان.'



# باب چوويهون

انجڻ جي خرابيءَ کانپوءِ اسان کي ريگستان ۾ هيءُ اٺون ڏينهن آهي ۽ مان دڪاندار جو قصو ٻڌي، بچيل پاڻيءَ جو آخري ڍُڪ پيري وينو آهيان.

مان پتڪڙي شهزادي کي چيو:

’تنهنجيون ساروٽيون ڏاڍيون سهٽيون آهن، پر مان اجا تائين جهاز جي مرمت ناهي ڪئي. پيئڻ لاءِ ڪا شيءِ ناهي بچي ۽ مان به جيڪر پاڻيءَ جي ڪنهن چشمي ڏانهن وڃي سگهان ها ته ڏاڍي خوشي ٿئي ها.‘

پتڪڙو شهزادو: ’منهنجو دوست لومڙ...‘

’منهنجا پيارا پتڪڙا ، هيءُ لومڙ جو مسئلو ناهي.‘

پتڪڙو شهزادو: ’ڇو؟‘

’اسان اُڃ وگهي مري به سگهون ٿا...‘

هن منهنجو منطق نه سمجهيو ۽ مونکي چيائين:

پتڪڙو شهزادو:’ڪو دوست هجي، اها ڏاڍي ڀلي ڳالهه آهي، پوءِ ڀلي مري به وڃجي. مان خوش آهيان ته مون وٽ هڪ دوست (لومڙ) آهي.‘

مان پتڪڙي شهزادي کي چيو: ’لومڙ (اسان جي) خطري جو اندازو نٿو لڳائي سگهي. هن ڪڏهن اڄ بک ناهي ڏٺي. سج جي ٿوري روشني هن لاءِ ڪوڙ...‘

پتڪڙي شهزادي مون ڏانهن ڏٺو ۽ هن منهنجي دليل جو هي جواب ڏنو:

پتڪڙو شهزادو: ’مان به اڃارو آهيان. هل ته هلي ڪو کوهه ڳوليون.‘

مان اهڙو اشارو ڪيو جو لڳي ته مان ٿڪل آهيان. ايتري وڏي ريگستان ۾ ائين ئي کوهه جي ڳولا لاءِ نڪري پوڻ بيڪار ڳالهه آهي، تنهن هوندي به اسان (کوهه ڳولڻ) نڪري پياسين.

ڪلاڪن مٿان ڪلاڪ گزرندا ٿي ويا ۽ اسان ائين ئي چپ چاپ هلندا رهياسين. تان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو رات اسان جي مٿان اچي پئي ۽ آسمان ۾ تارا ٽمڪڻ لڳا. اچ جي ڪري مونکي هلڪو بخار به هو. تارن ڪي ائين پئي ڏٺم ڄڻ ڪو خواب ڏسندو هجان.

پتڪڙي شهزادي جا لفظ منهنجي ياداشت ۾ (اڄ سوڌو) نچي رهيا آهن. مان پتڪڙي شهزادي کان پڇيو هو:

’تون به اڃارو آهين؟‘

پتڪڙي شهزادي منهنجي سوال جو جواب نه ڏنو پر ورنديءَ ۾ چيائين:

پتڪڙو شهزادو: ’پاڻي دل لاءِ به اوترو ئي سٺو ٿي سگهي ٿو...‘

مان ڳالهه نه سمجهي، پر وڌيڪ ڪجهه نه ڪڇيم. مونکي چڱيءَ ريت خبر هئي ته پتڪڙي شهزادي کي اها ڳالهه نٿي وڻي ته ڪو هن کان سوال ڪري.

هلندي هلندي هو ٿڪجي پيو ۽ ويهي رهيو. مان به سندس پرسان ويٺس. ٿوري دير چپ رهڻ کانپوءِ چيائين:

پتڪڙو شهزادو: ’تارا سهڻا آهن، پر انهن جي سونهن هڪ گل جي ڪري آهي، پر اهو گل اسان کي نظر نٿو اچي.‘

’صحي ٿو چوين.‘

پوءِ خاموشي هئي ۽ مان چانڊوڪيءَ ۾ واريءَ جي ورن وڪڙن کي ڏسندو رهيس.

پتڪڙو شهزادو: ’ريگستان سهڻو آهي.‘

صحي چيائين، ڇاڪاڻ ته مونکي ريگستان هميشه کان وڻندو هو.

اسان واريءَ جي هڪ پٽ تي ويٺا هئاسين، (چؤطرف سانت هئي) نه ڪجهه ٻڌڻ ۾ ٿي آيو ۽ نه ڏسڻ ۾... ۽ ان لڳا ائين لڳو ته ڪا شيءِ آهي، جيڪا واريءَ ۾ چمڪي ٿي.

پتڪڙو شهزادو: ’جنهن شيءِ واريءَ کي ايترو سهڻو بڻايو آهي، سا اها آهي ته واريءَ هڪ کوهه ڪاٿي لڪائي رکيو آهي.‘

واريءَ جي ان چمڪ جو راز ائين اوچتو سمجهي وڃڻ تي مونکي حيرت ٿي. اسان ننڍي هوندي هڪ پراڻي گهر ۾ رهندا هئاسين. تڏهن ان گهر لاءِ مشهور هو ته ان ۾ ڪو خزانو دفن ٿيل آهي. اهو خزانو ته اڄ تائين ڪنهن کي ناهي مليو. ائين به ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن ڳولا ئي نه ڪئي هجي، پر ان قصي گهر تي ڄڻ ڪو جادو طاري ڪري ڇڏيو هو. منهنجي گهر پنهنجي دل جي ورن وڪڙن ۾ هڪ راز لڪائي رکيو هو. مان پتڪڙي شهزادي کي چيو:

’گهر، ستارن ۽ ريگستان جو معامرو ساڳيو ئي اٿئي، جيڪا شيءِ انهن کي ايترو سهڻو

بڻائي ٿي سا لڪل آهي، نظر ناهي ايندي.‘

پتڪڙو شهزادو: ’مونکي خوشي ٿي ٿئي، جو تون منهنجي لومڙ (جي ڪيل ڳالهہ) سان سهمت آهين.‘

پتڪڙي شهزادي کي جيئن ئي ننڊ ورايو تہ مان کيس پنهنجين ٻانهن ۾ کڻي وري هلڻ شروع ڪيو. منهنجي دل ڀرجي آئي، ائين لڳو ڄڻ ڏرتيءَ تي هن کان وڌيڪ نازڪ ڪا ٻي شيءِ هجي ئي نہ. چانڊوڪيءَ ۾ مان سندس ڀوٿيل اکيون، سندس پيشاني، هوا ۾ جهومندڙ سندس وارن جو چڳون ڏسي دل ۾ چيو: ’مان جيڪو ڏسان پيو اهو ميوي جي کل وانگر (ظاهري ڏيک) آهي. اصل شيءِ اکين کان اوجهل هوندي آهي.‘

جڏهن هن جي اڌ کليل چپن هلڪي مرڪ جهڙي صورت ورتي، تڏهن دل ۾ چيم: ’هن ستل شهزادي کي ڏسي، جنهن ڳالهہ جي ڪري منهنجي دل ڀرجي آئي هئي، سا آهي هن پتڪڙي جي پنهنجي گل سان وفاداري. گلاب جي گل جو عڪس، ستي بہ هن ۾ بتيءَ جي روشنيءَ جيان پٽي جرڪيو. هو مونکي ويتر نفيس لڳو.. روشنين جو بچاءُ لازم آهي. هوا جو هڪ ئي جهوٽو انهن کي اُجهائي سگهي ٿو.

اِئين هلندي هلندي پرهہ ڦٽيءَ جو مونکي هڪ کوهہ ملي ويو.

# باب پنجويهون

پتڪڙو شهزادو: ’پنهنجي پاڻ کي تيز رفتار ريل گاڏين ۾ سٽيو ته اٿن، پر ماڻهن کي اها خبر ناهي ته هو نيٺ ڳولين ڇا ٿا؟ تنهنڪري ماٺهو وٽ وٺان ۾ آهن ۽ اجائي اچ وڃ پيا ڪن... ايڏي وٽ وٺان اجائي آهي.‘

اسان کي جيڪو کوهه مليو هو اهو سحارا ريگستان جي ٻين کوهن جهڙو نه هو. ٻيا کوهه ته اهڙا هئا، جيئن واري ۾ ڪا کڏ کوٽيل هجي. هيءُ کوهه ته ڳوٺ جي ڪنهن کوهه وانگر هو پر اتي ڪو ڳوٺ ته هو ئي ڪونه! تنهنڪري مونکي لڳو ته هي ڪو خواب آهي.

مان پتڪڙي شهزادي کي چيو: ’عجب جهڙي ڳالهه آهي. هر شيءِ تيار پيئي آهي: چرخي، ڏول، رسو.‘



پتڪڙي شهزادي ڪلندي رسي ۾ هٿ وڌو تہ چرخي ڦري. چرخي ائين چنگهي جيئن ڪڪڙ جي شڪل واري، هوا جو رخ ڏيکاريندڙ ڦرٽي وڏو وقت ساڪن رهي پوءِ اوچتو هوا جي ڪنهن جهوتي تي ڦرڻ وقت چنگهندي آهي.

پتڪڙو شهزادو: ’ٻڌئي؟! اسان هن کي جاڳايو آهي ۽ هاڻي کوهہ ڳائي پيو.‘

مان نہ ٿي چاهيو تہ پتڪڙو شهزادو ڪو مشقت وارو ڪم ڪري، تنهنڪري چيومانس:

’مونکي ڪرڻ ڏي.. توکان (ڏول) نہ کڄبو.‘

پوءِ آهستي آهستي چڪي ڏول کي سنپالي کوهہ جي پٽ تي رکيم. منهنجي ڪنن ۾ کوهہ جو گيت اڃا تائين موجود هو ۽ ڏول اندر چلڪندڙ پاڻيءَ ۾ مان سج کي لڏندو تي ڏٺو.

پتڪڙو شهزادو: ’مونکي ان پاڻيءَ جي اڃ آهي. مونکي پيار...‘

۽ مان سمجهي ويم تہ پتڪڙي شهزادي کي ڇا جي ڳولا هئي.

مان ڏول هن جي چپن تائين آندو. پاڻي پيتائين. اکيون ٻوٽي. (پاڻي) اهڙو مٺو هو جهڙو ڪاج (جو مٺو طعام). اهو پاڻي ڪا ٻي شيءِ هئي، جڻ ڪا خوراڪ هئي. اهو پاڻي ستارن هيٺان ڪيل پنڌ. چرخيءَ جي گيت ۽ منهنجين ٻانهن جي محنت منجهان ڄائو هو. دل لاءِ اهڙو ڀلو هو جهڙو ڪو تحفو! مان جڏهن ننڍو هئس، تڏهن ناتال (ڪرسمس) جي وڻ جي روشني، اڌ رات جي عبادتي موسيقي ۽ مرڪن جو ميناج گڏجي، ان ڏڻ تي مونکي ملندڙ تحفي جي چمڪ کي ويتر وڌائي ڇڏيندا هئا.

پتڪڙو شهزادو: ’تنهنجي گهر (ڌرتيءَ) جا ماڻهو باغ ۾ پنج هزار گل تہ پوکين ٿا ۽ جنهن شيءِ کي ڳولين ٿا اها هنن کان (باغ) ۾ لڌي نٿي ٿئي...تي سگهي ٿو تہ جنهن شيءِ کي هو ڳولين پيا اها گلاب جي هڪ گل يا ٿوري پاڻيءَ ۾ ليڪي پوي.‘

مان پتڪڙي شهزادي کي چيو: ’صحي ٿو چوين.‘

پتڪڙو شهزادو: ’پر اکيون انڌيون ٿينديون آهن. ڳولا ڪجي دل سان...‘

مان پاڻي پي ساهي پٽي.

باک ڦٽيءَ جو واري ماڪي جي رنگ جهڙي هوندي آهي. ماڪيءَ جهڙو رنگ ڏسي مونکي خوشي ٿي. اهو ضروري ڇو آهي تہ مان ڏکارو هجان...

پتڪڙو شهزادو منهنجي ويجهو اچي ويٺو ۽ مٺڙي انداز ۾ مون سان ڳالهائڻ لڳو:

پتڪڙو شهزادو: ’پنهنجو واعدو ضرور پاڙجان.‘

’ڪهڙو واعدو؟‘

پتڪڙو شهزادو: ’توکي خبر آهي...رڍ جي ٻوٽاڙي.. گل جي ذميداري مون تي آهي.‘

مان پنهنجي ڪيسي مان خاڪا ٺاهڻ وارا پنا ڪڍيا. پتڪڙي شهزادي انهن (خاڪن) کي ڏسي کلندي چيو:

پتڪڙو شهزادو: ’تنهنجا ٻئبيب جا وڻ ڪجهه ڪجهه بند گوبيءَ جهڙا ٿا لڳن.‘

’اوها‘

مونکي تہ ٻئبيب جي وڻن وارن پنهنجن خاڪن تي ڏاڍو ناز هو.

پتڪڙو شهزادو: ’هي لومڙ... ان جا ڪن... سڱن جهڙا ٿا لڳن. ڏاڍا وڏا آهن.‘

۽ هو ويتر کليو.

مان هن کي چيو: ’تون ناانصافي ٿو ڪرين پتڪڙا ماڻهو. وڏي نانگ جي ٻاهرين ۽ اندرين چٽن ڪانسواءِ مونکي ٻيو ڪجهه بہ چٽڻ نٿو اچي.‘

پتڪڙو شهزادو: ’ڪم هلي ويندو. ٻار (انهن خاڪن کي) سمجهي ويندا.‘

مان پينسل سان هڪ ٻوٽاڙي ٺاهي. جڏهن اها کيس ڏنم پئي تڏهن منهنجي هانءُ کي جهٻو اچي ويو.

مان پتڪڙي شهزادي کي چيو: ’تنهنجيون ڪي ٻيون رٿائون (خواهشون) آهن جيڪي مان اجا نٿو ڄاڻان؟‘

هن مونکي (سوال جي) ورندي نہ ڏني. پر مونکي ٻڌائڻ لڳو:

پتڪڙو شهزادو:’توکي خبر آهي... منهنجو ڌرتيءَ تي ڪرڻ... سڀاڻي ان جي سالگرهہ آهي.‘

ٿوري ساهيءَ ڪانپوءِ چيائين:

پتڪڙو شهزادو:’مان ان جاءِ جي صفا ويجهو ئي لٿو هئس.‘

اها ڳالهہ ڪري هو ڳاڙهو ٿي ويو.

۽ نئين سر، نہ ڄاڻ تہ ڇو مونکي اچي پور پيا.

’اهو ڪو اتفاق نہ هو جو اٺ ڏينهن اڳ جنهن صبح مان توسان مليو هئس، تون ويرانيءَ جا هزارين ميل اڪيلو پنڌ (ڌرتيءَ تي) پنهنجي لهڻ واري جاءِ تي واپس اچڻ لاءِ پئي ڪيو.‘

منهنجي ڳالهہ ٻڌي هو وڌيڪ ڳاڙهو ٿي ويو.

هٻڪندي چيومانس:

’تي سگهي ٿو سالگرهہ (ملهائڻ) جي ڪري؟‘

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو ويتر ٻاڙهوتي ويو.

سوالن جا جواب تہ هو ڪڏهن ڏيندو ئي نہ هو پر ٻاڙهوتي وڃڻ جي معنيٰ ’ها‘ آهي، ها نہ؟

مان چيو: ’مونکي خوف ٿو ٿئي تہ...‘

پر هن مونکي جواب ڏنو:

پتڪڙو شهزادو:’ ان وقت توکي پنهنجو ڪم ڪرڻ گهرجي. پنهنجي مشين (جهاز) ڏانهن ورڻ کپئي. مان هتي انتظار ڪندس، سڀاڻي واپس اچجانءِ.‘

پر مونکي پڪ نہ هئي. مونکي لومڙ ياد آيو. جيڪو پنهنجي پاڻ کي ڏارڻ ڏئي ٿو ان کي ٿورو روئڻ جو جوکو آهي.

# باب چويهون

ڪوهه جي پرسان پٿرن جي هڪ پراڻي، ڦٽل ڀت هئي. ٻئي ڏينهن شام جو جڏهن مان پنهنجو ڪم ڪري واپس وريس تہ پريان کان ڇا ڏسان تہ منهنجو پتڪڙو شهزادو ڀت تي ڄنگهون مٿي ڪري ويٺو آهي. مان کيس (ڪنهن سان) ڳالهائيندي ٻڌو:

پتڪڙو شهزادو: 'توکي ياد ناهي؟ هيءَ اها جاءِ ناهي.'

ڪنهن ٻئي هن سان ڳالهايو پئي، تڏهن ئي تہ پتڪڙي شهزادي ان کي اهي لفظ چيا.

پتڪڙو شهزادو: 'هائو! هائو!' ڏينهن اهو ئي آهي پر جاءِ اها ناهي.'

مان ڀت ڏانهن وڌيس، پر مونکي نہ ئي ڪو ماڻهو نظر آيو ۽ نہ ئي (ڪنهن ماڻهوءَ جو) آواز ٻڌم. پتڪڙي شهزادي وري ڳالهايو:

'صحيح. واريءَ ۾ توکي منهنجا پيرا نظر ايندا. توکي رڳو اتي پهچي منهنجو انتظار ڪرڻو آهي. اڄ رات مان اتي هوندس.'

مان ڀت کان ويهارو ميٽر پري هيس پر اڃا تائين ڪا شيءِ ڏسڻ ۾ نٿي آئي.

پتڪڙي شهزادي وري ڳالهايو:

'تو وٽ ڀلو زهر آهي؟ توکي پڪ آهي تہ مونکي گهڻيءَ دير تائين تڪليف نہ ٿيندي؟'

مان بيهجي ويس. هانءُ کي جهٻوا چي ويو پر اڃا تائين ڪجهہ سمجهي نہ سگهيو هيس.

پتڪڙو شهزادو: 'هاڻي وڃ. مان هيٺ لهڻ ٿو چاهيان.'

مان پنهنجيون اکيون جيئن ئي ڀت جي پاڙ طرف ڪيون تہ (خوف ۾) ٽپو ڏنم. هڪڙو هيڊو نانگ پتڪڙي شهزادي ڏانهن ڪر کنيو بيٺو هو. اهڙي نانگ جو زهر ٽيهن سيڪنڊن ۾ ماڻهو کي ماري ڇڏي. پستول ڪيڍڻ لاءِ جيئن ئي پنهنجي کيسي کي ڦوليندو اڳتي وڌڻ لڳس تہ نانگ منهنجي (قدمن جي ) گوڙ جي ڪري (هوشيار ٿي ويو ۽) پنهنجو پاڻ آرام سان جهڪائي، نڙ جي منهن مان نڪرندڙ پاڻيءَ جي بند ٿيندڙ وهڪري وانگر واريءَ ۾ رڙهندو ڏاتو (ٽڪرائجڻ) جهڙو آواز ڪندو، پٿرن ۾ رستو ناهيندو نڪري ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ننڍڙي شهزادي کي پنهنجين ٻانهن ۾ کڻڻ لاءِ مان بلڪل عين وقت تي پٽ وٽ پهتس. سندس منهن (خوف ۾) برف جهڙو اڇو ٿي چڪو هو.

'هي ڪهڙو قصو آهي؟' تون نانگن سان گفتا پيو ڪرين!'

جيڪو سونهري مفلر سدائين پاتل هوندو هئس، ان کي ڍلو ڪري، پاڻي پياري، لونڊڙين کي آلو ڪيو مانس. مان ننڍڙي شهزادي کان ڪو سوال ڪرڻ جي همت نه پئي ساري. هن مونکي ڳنڀير نظرن سان ڏسي، پنهنجيون ٻانهون منهنجي ڳچيءَ ۾ وجهي ڇڏيون. مونکي هن جي دل جو ڌڙڪو رائيفل سان ڇنيل، مرندڙ پکيءَ جهڙو محسوس ٿيو.

مونکي چيائين: 'مان خوش آهيان ته تون پنهنجي انجڻ جي خرابي ڳولي لڌي هاڻي تون پنهنجي گهر وڃي سگهندين.'

'توکي ڪيئن خبر پئي؟'

اها ڳالهه ته مان هن کي ٻڌائڻ آيو هيس ته اميد جي بنهه برخلاف مان پنهنجي ڪم ۾ ڪامياب ٿي چڪو آهيان.

منهنجي سوال جو ڪوبہ جواب نه ڏيندي چيائين:

ننڍڙو شهزادو:'مان بہ اڄ، گهر واپس ٿو وڃان.'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ دلگير ٿيندي چوي ٿو:

پتڪڙو شهزادو:'ڏاڍو پري آهي... ڏاڍو ڏکيو آهي.

مونکي احساس ٿيو تہ هن تي ڪا هچا آهي. مان ڪيس پنهنجين ٻانهن ۾ ائين مضبوط پڪڙيو جيئن ڪنهن ننڍڙي ٻار کي پڪڙبو آهي. مونکي لڳو تہ هو بنا تري واري ڪنهن وڏي اونهائي ۾ سرڪندو ٿو وڃي ۽ مان ڪيس پڪڙي نٿو سگهان.

هن جي منهن تي سنجيده، ڏور ڪاٿي وڃايل (ماٺهوءَ جهڙو) تاثر هو.

'مون وٽ تنهنجي رڍ آهي. تنهنجي رڍ لاءِ دٻلي بہ آهي ۽ ٻوٽاڙي بہ...'

منهنجي ڳالهہ تي هو هڪ ڏکاري مرڪ مرڪيو.

گهڻي دير تائين انتظار ڪرڻ ڪانپوءِ محسوس ڪيم تہ هو ٿورو ٿورو گرم ٿي رهيو آهي.

'پتڪڙا ماڻهو توکي ڇا جو ڊپ آهي؟'

سچ پچ ڪو تہ ڊپ هئس، پر هن مزي سان کلي ڏنو. پوءِ چيائين:

پتڪڙو شهزادو:'اڄ شام مونکي اڃا وڌيڪ ڊپ ٿيندو.'

هڪ اهڙي زيان جنهن کي ڪڏهن پورو نہ ڪري سگهجي، جي احساس مونکي نئين سر ٿڌو ويخ ڪري ڇڏيو. مان سمجهي ويس تہ مونکي اها ڳالهہ برداشت ڪرڻي پوندي تہ مان هي ٽهڪڙا وري نٿو ٻڌي سگهان. سندس ٽهڪڙا ريگستان ۾ پاڻيءَ جي چشمي جيان هئا.

'پتڪڙا ماڻهو مان ٻيهر تنهنجو ٽهڪ ٻڌڻ چاهيان ٿو.'

پر هن چيو:

پتڪڙو شهزادو:'اڄ رات هڪ سال پورو ٿيندو. منهنجو سيارو ان جاءِ جي بلڪل مٿان هوندو جنهن جاءِ تي پوئين سال لٿو هئس.'

پتڪڙا ماڻهو ائين تہ ناهي تہ نانگ وارو قصو، تنهنجو پنهنجي سياري تي واپس ورڻ، ڪو برو خواب هجي.

پر هن منهنجي ڳالهہ جو جواب نہ ڏنو.

مونکي چوي ٿو:

پتڪڙو شهزادو: 'جيڪا شيءِ نظر ناهي ايندي، اها ئي شيءِ سڀ کان وڌيڪ اهم هوندي آهي.'

بلڪل صحي!

وري چوي ٿو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پتڪڙو شهزادو:'هڪ گل وانگر. جيڪڏهن تون ڪنهن سياري تي موجود ڪنهن گل سان پيار ڪرين ٿو تہ پوءِ رات جو آسمان کي ڏسڻ ڏاڍو منڙو لڳندو آهي. هي سيئي ستارا گل اٿئي.'

بلڪل صحي!

وري چيائين:

پتڪڙو شهزادو:'پاڻيءَ وانگر. جيڪو پاڻي تون مونکي پياريو هو اهو رسيءَ، چرخيءَ جي ڪري موسيقي جهڙو ٿي پيو هو. تون بہ تہ چوين پيو نہ تہ ڏاڍو پلو پاڻي آهي.'

بلڪل صحي!

پتڪڙو شهزادو:' رات جو ستارن کي ڏسجان. منهنجو گهر (سيارو) تمام ننڍو آهي ان ڪري توکي ڏيکاري نٿو سگهان ۽ تون بہ ان کي لهي نہ سگهندين. اها ڳالهہ پلي بہ آهي چاڪاڻ جو منهنجو سيارو هنن ستارن ۾ هوندو ۽ پوءِ تون انهن سيني ستارن کي ڏسڻ پسند ڪندين. سيئي ستارا تنهنجا دوست هوندا. پوءِ مان توکي هڪ تحفو ڏيندس.'

ائين چئي هن ٽهڪ ڏنو.

آه پتڪڙا ماڻهو! پتڪڙا ماڻهو مونکي ان ٽهڪ سان پيار آهي.

پتڪڙو شهزادو: 'اهو ئي تہ منهنجو تحفو هوندو. پاڻيءَ وانگر.'

مان چيو: تون ڇاٿو چوڻ چاهين؟

پتڪڙو شهزادو: 'سيني ماڻهن وٽ ستارا آهن پر ستارا سيني لاءِ ساڳي شيءِ ناهن. اهي جيڪي پانڌيئڙا آهن، تن لاءِ هي ستارا سونهان آهن. ٻين لاءِ هي ستارا پتڪڙين روشنين ڪانسواءِ ڪجهہ بہ ناهن. اجا ٻيا، جيڪي ڄاڻو آهن، تن لاءِ ستارا سوال هوندا آهن. واپاريءَ لاءِ ستارا سون هئا، پر هي سيئي ستارا چپ آهن. رڳو تو لاءِ ستارا اهڙا هوندا جهڙا ٻي ڪنهن بہ ماڻهوءَ لاءِ ناهن.'

تون ڇاٿو چوڻ چاهين؟

پتڪڙو شهزادو: 'جڏهن تون رات جو آسمان کي ڏسندين، جڏهن مان انهن ستارن مان ڪنهن هڪ تي رهندو هوندس، جڏهن مان اتي ٽهڪ ڏئي رهيو هوندس، تڏهن توکي ائين لڳندو تہ ڄڻ سيئي ستارا ٽهڪ ڏئي رهيا هجن. اهي ستارا جيڪي ٽهڪ ڏيڻ ڄاڻين، سي رڳو تو وٽ ئي هوندا.'

هن ٽهڪ ڏنو.

پتڪڙو شهزادو: 'ءِ جنهن وقت تون ذڪ مان نڪري ايندين (اسان هميشہ پاڻ کي ذڪ مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن ايندا آهيون) تڏهن تون خوش ٿيندين تہ تون مون سان مليو هئين. تون هميشہ منهنجو دوست هوندين. تنهنجي دل مون سان گڏ کلڻ تي چوندي ۽ خوش ٿيڻ لاءِ تون ڪڏهن پنهنجي دري کوليندين.... ۽ تنهنجا دوست توکي آسمان ڏانهن نهاري ٿهڪ ڏيندو ڏسي حيران ٿيندا. پوءِ تون انهن کي چوندين، 'ها! ستارا سدائين مون کي ٿهڪ ڏياريندا آهن'، ۽ هو توکي چريو سودائي سمجهندا. مان توسان اها حرڪتي اٽڪل ڪيڏندس. اهو ائين هوندو ڄڻ ستارن بجاءِ مان توکي لکين ڪروڙين پتڪڙيون، ڪلنڊڙ گهنٽڙيون ڏئي ڇڏيون هجن.'

پتڪڙو شهزادو کليو پوءِ سنجيده ٿي ويو.

پتڪڙو شهزادو:'ڏس! اڄ رات نہ اچ.'

مان توکي نہ ڇڏيندس.

پتڪڙو شهزادو:' مان بيمار لڳندس... مرٽينگ لڳندس... ۽ بس. تون اهو ڏسڻ نہ اچ. ڪو فائدو ناهي'

مان توکي نہ ڇڏيندس.

پتڪڙو شهزادو پريشان پئي لڳو.

پتڪڙو شهزادو: 'مان چوانءِ ٿو نہ. نانگ جي ڪري ٿو چوان. نانگ توکي چو ڪکي!.. نانگ ڏاڍا خراب ٿيندا آهن... هيءُ نانگ توکي رڳو مزي خاطر ڪکي سگهي ٿو.'

مان توکي نہ ڇڏيندس.

پر پوءِ اطمينان ٿيس. هن چيو:

پتڪڙو شهزادو: 'اهو بہ سچ آهي تہ نانگ ۾ ٻئي ڏنگ تي ٻيهر ڪکڻ جيترو زهر ناهي ٿيندو.'

ان رات پتڪڙي شهزادي جو وڃڻ مون کي تہ ڄڻ نظر ئي نہ آيو. بنا ڪو آواز ڪئي پاڻ کي گم ڪري ڇڏيائين.

هو فيصلائتي انداز ۾ تڪڙو تڪڙو هلندو پئي ويو ۽ جڏهن مان هن تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿيس تہ مونکي چوڻ لڳو:

'اوهہ تون اتي آهين.'

ائين چئي منهنجو هٿ پڪڙيائين پر ان سان هو وڌيڪ پريشان ٿيو. مون کي چيائين:

پتڪڙو شهزادو:' تون غلطي پيو ڪرين. توکي تڪليف ٿيندي (توکي) ائين لڳندو تہ مان مري ويو آهيان پر اهو سچ نہ هوندو.'

مان خاموش هئس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



پتڪڙو شهزادو:'تون سمجهين ٿو. اهو (سيارو) گهڻو پرتي آهي. هيءُ جسم اتي کڻي وڃي نٿو سگهان. ڏاڍو وزني آهي.'

مان خاموش هيس.

پتڪڙو شهزادو: 'هيءُ جسم، ڪنهن پراڻي، ڇڏي ڏنل کل وانگر هوندو. پراڻين کلن تي کهڙو ڏک ڪجي!...'

مان خاموش هيس.

هو ٿورو دلگير ٿيو پر (مونکي مڃائڻ جي) هڪ ٻي ڪوشش ڪيائين:

پتڪڙو شهزادو: 'ڏس! آرام سان ٿي ويندو. مان بہ ستارن کي ڏسندس پيو. سيئي ستارا ان زنگيل چرخي جهڙا هوندا. سيئي ستارا مونکي پاڻي پياريندا.'

مان خاموش هيس.

پتڪڙو شهزادو: 'ڏاڍو مزو ايندو. تو وٽ پنج ڪروڙ گهنٽڙيون هونديون ۽ مون وٽ پنج ڪروڙ (پاڻيءَ جا) چشما هوندا.'

پوءِ هو چپ ٿي ويو جي چپ نہ ڪري ها تہ روئي ڏئي ها.

پتڪڙي شهزادي ٿوريءَ ساهيءَ کانپوءِ وري مون کي ريجهائڻ جي ڪوشش ڪئي:

پتڪڙو شهزادو: 'هو ڏس! مٿي! اتي آهي (منهنجو سيارو). اهو پنڌ مون کي اڪيلو ڪرڻ ڏي.'



پوءِ هو ويهي رهيو. پتڪڙي شهزادي کي ڏاڍو ڀؤ پئي ٿيو.

پتڪڙو شهزادو: ’ڳالهہ سمجهہ! ... منهنجو گل... مان ان لاءِ ذميدار آهيان. گل ويچارو ڏاڍو ڪمزور آهي، صفا سادڙو آهي. دنيا کان بچاءُ ڪرڻ لاءِ وٽس چئن ڪنڊن کانسواءِ ٻي ڪا شيءِ ناهي.‘

مان بہ ويهي رهيس. مون ۾ ايتري سگهہ ئي نہ بچي هئي، جو پنهنجي پاڻ کي وڌيڪ بيهاري سگهان ها.

پوءِ پتڪڙي شهزادي (نانگ کي ايندو ڏسي) چيو:

پتڪڙو شهزادو: ’ ڏس! قصو ختم!‘

ٿوري جهجڪ ٿيس، پر پوءِ هو اٿي بيٺو. هڪ وک کنيائين. مان پنهنجي جاءِ تان چُري ئي نہ سگهيس. هن جي کُڙيءَ وٽ هڪ تيز هيڊي روشني نظر آئي. هڪ لحظي ۾ هو ساڪن ٿي ويو. ڪا دانهن نہ ڪيائين. جيئن ڪو وڻ ڪري پئي تيئن هو بہ آرام سان اچي ڪريو. واريءَ جي ڪري هن جي ڪرڻ سان ڪوبہ آواز پيدا نہ ٿيو.



# باب ستاويهون

ان ڳالهه کي ڇهه سال ٿيا آهن. اهو قصو مان اڳ ڪڏهن ڪنهن سان ناهي ڪيو. منهنجا سنگتي ساٿي، جن مونکي ٻيهر ڏٺو مونکي جيئرو ڏسي ڏاڍا مطمئين ٿيا.

مان ڏکارو هيس، پر کين چوندو هيس ته 'ٿڪل آهيان، ان ڪري ائين ٿو لڳان...'

هاڻي مان پنهنجي ڏک مان ٿورو نڪري آيو آهيان- چوڻ جو مطلب ته اڃا مڪمل ناهيان نڪري سگهيو.

مان ڄاڻان ٿو ته هو پنهنجي سياري تي پهچي چڪو آهي، ڇاڪاڻ جو صبح جو اتي مونکي هن جو جسم نظر نه آيو. جسم ايترو وزني نه هئس.

۽ رات جو مونکي ستارن کي ٻڌڻ وڻندو آهي. ائين لڳندو آهي ڄڻ پنج ڪروڙ گهنٽڙيون وڄي رهيون هجن.

پر پتڪڙو شهزادو پريشان ضرور ٿيو هوندو... ڇاڪاڻ جو جڏهن (رڍ لاءِ) ٻوٿاڙي ناهي هئم، تڏهن ٻوٿاڙيءَ کي ٻڌڻ وارو چمڙي جو پٽو ناهڻ مونکان وسري ويو هو! هاڻي (اها ٻوٿاڙي) رڍ کي هر وقت پاتل نه هوندي..

پنهنجي پاڻ کان پڇندو آهيان ته سندس سياري جو ڪهڙو حال ٿيو هوندو! وڏو امڪان آهي ته رڍ اهو گل کائي به ڇڏيو هجي....

ڪڏهن وري پنهنجي پاڻ کي (آٿت ڏئي) چوندو آهيان... 'بلڪل به نه!' پتڪڙو شهزادو رات جو گل کي شيشي جي گولي ۾ بند ڪري رکندو آهي ۽ رڍ تي به ضرور نظر هوندس. پوءِ مان خوش ٿي ويندو آهيان ۽ پوءِ سيئي ستارا منٺڙا ٽهڪڙا ڏيندا آهن.

ڪڏهن وري پنهنجي پاڻ کي چوندو آهيان، 'ڪنهن ڪنهن مهل ماڻهوءَ جو ڌيان هيڏانهن هوڏانهن هليو ويندو آهي. (رڍ لاءِ ته) اهو موقعو ئي ڪوڙ آهي... ڪنهن رات جي پتڪڙي شهزادي کان شيشي جو گولو وسري وڃي... يا رات جي وچڙي ۾ رڍ بنا ڪو آواز ڪرڻ جي رسو ڇنائي وڃي...!'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ سيئي گھنٽڙيون ڳوڙھا ڳاڙڻ لڳنديون آھن.

اھو ھڪ وڏو راز آھي توھان لاءِ. جيڪي پتڪڙي شهزادي سان پيار ڪيو ٿا. ۽ مون لاءِ بہ دنيا جي ڪابہ شيءِ ساڳي نہ رھندي. جي ڪا اڻڄاتل رڍ. نہ ڄاڻ ڪاٿان اچي گل ڪائي چڙي ھا يا نہ؟

آسمان ڏانھن نھاريو پنھنجي پاڻ کان پڇو: 'رڍ گل کائي چڙيو آھي... ھا يا نہ؟' توھان ڏسندا تہ ( ان ھا يا ان نہ جي ڪري) ڪيئن ھر شيءِ تبديل ٿي ٿي وڃي!

۽ ڪو بہ وڏو ڪڏھن بہ اھو راز نہ سمجھي سگھندو تہ ان (ھا ۽ ان نہ) جي ڪيتري وڏي اھميت آھي. منھنجي لاءِ تہ اھو منظر دنيا ۾ سڀ کان گھٽو سنو ۽ ساڳي وقت سڀ کان گھٽو دکدائڪ آھي.

ھي بہ پوئين پني تي چٽيل منظر جھڙو ئي آھي، پر توھان کي چڱي نموني ڏيکارڻ خاطر ان منظر کي ٻيھر چٽيو اٿم. ان (منظر) ۾ ئي پتڪڙو شهزادو ڌرتيءَ تي ظاھر ٿي پوءِ غائب ٿي ويو.

ان منظر کي ڌيان سان ڏسو جو متان ڪنھن ڏينھن توھان آفريڪي ريگستان جو سفر ڪريو تہ ان منظر کي سڃاڻي وٺو ۽ منھنجي التجا اٿوَ تہ جڏھن توھان اتان گذرو تہ ان ستاري جي ھيٺان ٿورو ترسجو. پوءِ جي ڪو سونھري وارن وارو پتڪڙو ٻارتوھان وٽ اچي، ٽھڪڙا ڏئي، سوال ڪجيس تہ جواب نہ ڏئي، تہ سمجھي وڃجو تہ اھو پتڪڙو ٻار ڪير آھي! پوءِ مونکي وڌيڪ ايترو ڏکايل رھڻ نہ ڏجو مون ڏانھن لکي موڪلجو تہ. 'ھو واپس اچي ويو اٿئي!'

## فرينچ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيندڙ پهريون ڪتاب

توهان جي هٿن ۾ جيڪو ڪتاب آهي اهو ڪتاب دنيا جي 256 ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي. ان ڪتاب جي مشهوريءَ جو اندازو ان ڳالھ مان لڳائي سگھجي ٿو تہ فرانس جي مشهور اخبار 'لَموند' پاران ڪرايل هڪ سروي مطابق ويهين صدي ۾ فرينچ ٻوليءَ ۾ ڇپجندڙ سڀ کان وڌيڪ مشهور ۽ اثرانداز هڪ سو ڪتابن ۾ ان ڪتاب کي چوٿون نمبر مليو. مٿيان نمبر جڳ مشهور فرينچ ليکڪن البرٽ ڪاميو، مارسيل پرو جهڙن عظيم دانشورن جي ڪتابن کي مليا. هڪ ٻي سروي جنهن ۾ فرينچ ٻولي ۾ ڇپيل هڙني ڪتابن مان سڀ کان بهترين پنجاھ ڪتابن جي فهرست تيار ڪئي وئي تہ ان فهرست ۾ ان ڪتاب کي ڇهون نمبر مليو. جڏهن تہ ان فهرست ۾ والٽيئر جهڙي مفڪر جي ڪتاب "ڪانديد" کي نائون نمبر مليو هو ... هيءَ دوستيءَ، جدائيءَ، يادگيريءَ جي ڪٿا آهي. هي ڪتاب پڙهي متان اسان کي بہ آسمان ۾ پنهنجو وڃايل ستارو لڀي پوي، متان اسان بہ ستارن جا ٿهڪ ٻڌي سگهڻ جي لائق ٿيون ۽ ٿوريءَ دير جي لاءِ ئي سهي، پنهنجي "وڇڙائيءَ" کان آجا ٿي سگھون.

فرينچ ٻوليءَ مان ترجمو ٿيندڙ هي پهريون ڪتاب توهان جي خدمت ۾ پيش ڪندي مونکي سرهائي محسوس ٿئي ٿي تہ دنيا جي ادب جي ٻوليءَ (فرينچ) مان هڪ ڪتاب اسان جي مادري ٻوليءَ جو حصو ٿيو آهي. هر پڙهيل لکيل ماڻهوءَ لاءِ لازم آهي تہ هو پنهنجي مادري ٻوليءَ جي خدمت ڪري. اسان سڀني کي ان ۾ پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو آهي.

**شفقت قادري**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پ ن

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪانُو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پر اسان اِنهن سڀني وچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاغَر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٹ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، چاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمر- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄ‌ڪلهہ ڪي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄ‌ڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهہ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوءِ چالاءِ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاءَ خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.
اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو سات نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book